REG NO. 3833
ABC Certified
روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
سکر
www.dailysindhyar.com
sindhyarskr@gmail.com
(جلد 02) جمع 23 فيبروري 2024 ع بمطابق 12 شعبان المعظم 1445ھ (قيمت 10 روپيا) شمارو:269

پاڻ سڳورن صہ ڪانپوءِ معاملو ختم، اهوئي هدايت جو سرچشمو آهي: چيف جسٽس

هاڻي اسان کي پاڻ سڳورن صہ کان ئي رهنمائي وٺڻي آهي، هو رحمت اللعالمين آهي، هو انسانن ۽ پکي پکڻ سيني لاءِ رحمت ۽ هدايت جو سرشمو آهي

مارگلا نيشنل پارڪ به ان ۾ ئي اچي ٿو، انسان لاءِ قرآن پاڪ ۾ خليفہ في الارض جو لفظ استعمال ڪيو ويو، حضور پاڪ صہ جن آخري نبي، رحمتہ اللعالمين ۽ هدايت جو سرچشمو آهن

اسان انسانن کي جانورن، پکي پکڻ جو خيال رکڻو آهي، ڪا به زمين ڪنهن جي ناهي، سيني نبين ۽ پغيمبرن پاڻ سڳورن صہ جي پٺيان نماز پڙهي، حضور پاڪ صہ ڪانپوءِ معاملو ختم

هاڻي اسان کي پاڻ سڳورن کان رهنمائي وٺڻي آهي، هو انسانن ۽ پکي پکڻ سيني لاءِ رحمت ۽ هدايت جو سرشمو آهي، انسان لاءِ قرآن پاڪ ۾ خليفہ في الارض جو لفظ استعمال ڪيو ويو

سپريم ڪورٽ اسلام آباد جي نيشنل پارڪ ايريا ۾ وفاقي ترقياتي اداري سي ڊي اي ۽ وائلڊ لائيف بورڊ وچ ۾ تڪرار تي سي ڊي اي کي وائلڊ لائيف جي ٽريل فائيو، ٽريڪ 6 سميت ٽئي آفيسون واپس ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيون

اسلام آباد (م د) چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ چيو آهي ته پاڻ سڳورن صہ ڪانپوءِ معاملو ختم، هاڻي اسان کي پاڻ سڳورن صہ کان ئي رهنمائي وٺڻي آهي، هو رحمت اللعالمين آهي، هو انسانن ۽ پکي پکڻ سيني لاءِ رحمت ۽ هدايت جو سرشمو آهي. سپريم ڪورٽ اسلام آباد جي نيشنل پارڪ ايريا ۾ وفاقي ترقياتي اداري سي ڊي اي ۽ وائلڊ لائيف بورڊ وچ ۾ تڪرار تي سي ڊي اي کي وائلڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ

نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري جي ملاقات

اسلام آباد (م د) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري ملاقات ڪئي ۽ ملڪي سياسي صورتحال تي ڳالهه ٻولهه ڪئي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب ملاقات ۾ متحده قومي موومينٽ جا اڳواڻ ڊاڪٽر/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

عمران خان پاران چونڊن ۾ ڌانڌلي خلاف آءِ ايم ايف کي خط لکڻ جو فيصلو، نواز ليگ جي مذمت

پارٽي اڳواڻن جي باني سان ملاقات، عمران خان اڄ آءِ ايم ايف کي خط لکندو، آءِ ايم ايف ۽ يورپي يونين جو پنهنجو هڪ مينڊيٽ آهي، آءِ ايم ايف جو ميرٽ آهي ته گڊ گورننس هجي: علي ظفر

جنهن ملڪ ۾ جمهوريت نه هوندي آهي اتي عالمي ادارا ڪم نه ڪندا آهن، پاڪستان ۾ سموري دنيا ڏٺو ته ماڻهن جو ووٽ چوري ٿيو، چوري جي مينڊيٽ تي جمهوريت نٿي هلي سگهي

جڏهن فنڊنگ ڏيندڙ ادارا ڏسندا آهن ته جمهوريت نه آهي ته اهي قرض نه ڏيندا آهن، جيڪڏهن آءِ ايم ايف وفد کي ڪا ڳالهه ٻولهه ڪرڻي آهي ته سيني کان پهريان چونڊن ۾ ڌانڌلي جي آڊٽ ڪرائي

آءِ ايم ايف کي خط لکڻ جو مقصد پرڏيهي مداخلت کي شامل ڪرڻ آهي، هڪ قيدي جي حيثيت سان اوهان آءِ ايم ايف کي خط لکندئو؟ غليظ مقصدن خلاف ڪارروائي ٿيڻ گهرجي: عطا تارڙ

ڪي پي ۽ بلوچستان ۾ جيڪي سيٽون مليون اتي ڌانڌلي ناهي ٿي، ملڪ جي معيشت کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، هي ماڻهو ملڪ ۾ جمهوريت کي ڊي ريل ڪرڻ چاهن ٿا

انهن ماڻهن کي ڪجهه سيٽن تي ڪاميابي ملي، اهي ملڪ ۾ وڳوڙ چاهين ٿا، ملڪ ۾ ڏڦيڙن جي اجازت نه ڏني ويندي، اسان کي ملڪ جي معيشت بهتر ڪري بيروزگاري ختم ڪرڻي آهي

راولپنڊي (م د) پي ٽي آءِ باني عمران خان چونڊن ۾ ڌانڌلي جي خلاف آءِ ايم ايف کي خط لکڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي. بيرسٽر گوهر علي خان ۽ سينيٽر علي ظفر عمران خان سان ملاقات ڪان پوءِ اڊيالا جيل ٻاهران صحافين سان ڳالهيون ڪندي چيو ته عمران خان اڄ آءِ ايم ايف کي خط لکندو. علي ظفر چيو ته آءِ ايم ايف ۽ يورپي يونين جو پنهنجو هڪ مينڊيٽ آهي. آءِ ايم ايف جو ميرٽ آهي ته گڊ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

پاڪستان هڪ پرامن ملڪ آهي، لاقانونيت ۽ انارڪي پکڙجڻ نه ڏني ويندي: مرتضيٰ سولنگي

ڪنهن به صورت ۾ اجازت نه ڏينداسين ته سوشل ميڊيا پليٽ فارمز بي بنياد، ڪوڙي ۽ هٽ ٺوڪي پروپئگنڊه پکيڙين

انهن سوشل ميڊيا پليٽ فارمز پاران ان عمل کي نه روڪيو ويو ته رياست کي سخت قدم کڻڻا پوندا

عدليه جي ڪنهن به فيصلي جي خلاف قانوني نظرثاني جا ذريعا موجود آهن، ڪنهن کي به قانون هٿ ۾ کڻڻ جي اجازت نه ڏني ويندي

اسلام آباد (م د) اطلاعات، نشريات ۽ پارلياماني معاملن واري نگران وفاقي وزير مرتضيٰ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير مرتضيٰ سولنگي ڊسپلي سينٽر جو افتتاح ڪندي

وفاقي ڪابينا آرمي چيف کي ترڪيه حڪومت جو اعليٰ فوجي ايوارڊ وٺڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي

اسلام آباد (م د) وفاقي ڪابينا چيف آف آرمي اسٽاف جنرل عاصم منير کي ترڪ حڪومت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 35

چونڊن ۾ ڌانڌلين جا بدترين الزام هڻندڙ اڳوڻو ڪمشنر راولپنڊي بيان تان ڦري ويو

هڪ سياسي پارٽي جي ورغلائڻ تي پنهنجو بيان ڏنو، منهنجو بيان غير ذميوارانو عمل ۽ غلط بياني هئي: لياقت چٺا

سياسي جماعت جي عهديدار جي چوڻ تي اهڙو بيان ڏنو، اهو عهديدار نوَمئي وارن واقعن ۾ ملوث هجڻ سبب روپوش ٿي ويو هو

اڳواڻ مون کي چونڊن ۾ ڌانڌلي ثابت ڪرڻ واري منصوبي تي ڪم ڪرڻ جو چيو، بدلي ۾ مستقبل ۾ اعليٰ عهدي جو واعدو ڪيو ويو

اسلام آباد (م د) چونڊن ۾ ڌانڌلين جا بدترين الزام هڻندڙ اڳوڻي ڪمشنر راولپنڊي لياقت علي چٺا اليڪشن ڪميشن ۾ پنهنجي بيان تان ڦري ويو آهي. اليڪشن ڪميشن ۾ جمع ڪرايل پنهنجي بيان ۾ اڳوڻي ڪمشنر راولپنڊي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

بشريٰ بي بي کي اڊيالا جيل منتقل ڪرڻ کان انتظاميه انڪار ڪري ڇڏيو

اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ بشريٰ بي بي کي اڊيالا جيل منتقلي جي درخواست تي ٻڌڻي، جيل سپرنٽينڊنٽ پاران رپورٽ جمع

سيڪيورٽي سببن جي ڪري بشريٰ بي بي کي جيل منتقل نٿا ڪري سگهون: اڊيالا جيل جو سپرنٽينڊنٽ

جيل ۾ اڳ ئي جڳهه گهٽ آهي ۽ 250 عورت قيدي موجود آهن: رپورٽ ۾ اختيار ڪيل موقف

اسلام آباد (م د) اڊيالا جيل جي انتظاميه عمران خان جي گهرواري بشريٰ بي بي کي جيل منتقل ڪرڻ کان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

گڏيل قومن جي اداري پاران جنسي اڻبرابري کي ڏوهه قرار ڏيڻ جو مطالبو ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) گڏيل قومن جي ماهرن هڪ پينل افغانستان ۾ طالبان جهڙين حڪومتن اندر عورتن ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

اسلام آباد: نگران وفاقي وزير عمر سيف اجلاس جي صدارت ڪندي

سنڌ هاءِ ڪورٽ جو پي ٽي اي کي سموري ملڪ ۾ ايڪس سروس بحال ڪرڻ جو حڪم

وزيراعظم، گهرو وزير، آءِ ٽي وارو وزير وي پي اين لڳائي قوم کي ٻڌائي رهيا آهن ته ايڪس بند نه ٿيو آهي: وڪيل

ايڪس جي بندش يا سروس سلو رکڻ جو اختيار پي ٽي اي وٽ آهي، پي ٽي اي کان پڇاڻو ڪيو وڃي

ميڊيا ۽ تحقيق جي شعبي سان لاڳاپايل لکين ماڻهو ايڪس جي بندش سبب ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيا آهن

ڪراچي (م د) سنڌ هاءِ ڪورٽ پاڪستان ٽيلي ڪميونيڪيشن اٿارٽي (پي ٽي اي) کي سماجي رابطن جي ويب سائيٽ ايڪس بحال ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو. عدالتي حڪم ۾ چيو ويو آهي ته ايڪس سروس بنا ڪنهن خلل ۽ بندش/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

بئريسٽر علي ظفر چيئرمين ۽ عمر ايوب جنرل سيڪريٽري لاءِ اميدوار هوندو: گوهر خان

اسان سڀ پارلياماني ڪردار ادا ڪندي بئريسٽر علي ظفر کي ڪامياب ڪرائينداسين

جن وٽ حڪمراني جو حق نه آهي اهي قابض جيان ڪرسين تي ويهندا، عمران خان جو جيل ۾ هجڻ غير قانوني ۽ غير آئيني آهي

اسلام آباد (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ بئريسٽر گوهر علي خان چيو آهي ته ٽي مارچ تي رٿيل انٽرا پارٽي چونڊن ۾ بئريسٽر علي ظفر چيئرمين ۽ عمر ايوب جنرل سيڪريٽري لاءِ اميدوار هوندو اسلام آباد ۾ ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 34

بئريسٽر گوهر ۽ عمر ايوب سني اتحاد ڪائونسل ۾ شموليت اختيار ناهي ڪئي

اسلام آباد (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ بئريسٽر گوهر ۽ عمر ايوب سني اتحاد ڪائونسل ۾ شموليت اختيار ناهي ڪئي. اليڪشن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 31

ڳڙهي خدا بخش: پ پ اڳواڻ فريال ٽالپر شهيد بينظير جي مزار تي حاضري ڀريندي

ڀارت: هرياڻه ۾ هارين جو احتجاج، پوليس فائرنگ ۾ هڪ هاري مارجي ويو

ڪنوري سرحد وٽ سراپا احتجاج هارين تي پوليس گولين ۽ ڳوڙها آڻيندڙ گئس جي گولن جو استعمال

ڪالهه پوليس سان ڇڪرين دوران مٿي ۾ گولي لڳڻ سبب 21 سالا نوجوان مارجي ويو: ڀارتي پوليس

هرياڻا (م د) ڀارت جي شهر هرياڻا ۾ هارين جي احتجاج دوران پوليس جي فائرنگ سبب 21 ورهين جو نوجوان مارجي ويو آهي. ڪشمير ميڊيا سروس موجب، ڀارتي پنجاب جي ڪنوري سرحد وٽ سراپا احتجاج هارين تي پوليس گولين ۽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 30

ڪراچي ۾ ميٽرڪ امتحان جي نتيجن ۾ ڦيرڦار جي ذميوار امتحان وٺندڙ سموري ٽيم قرار

سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن ڊاڪٽر شيرين مصطفيٰ جي سربراهي ۾ جوڙيل ڪميٽي پاران تيار ڪيل رپورٽ نگران وڏي وزير حوالي

ميٽرڪ بورڊ ۾ بي ضابطگين جي اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ کان وڌيڪ جاچ ڪرائڻ جي سفارش ڪئي وئي آهي

جاچ دوران وقتي ڪنٽرولر عمران سميت ڪنهن به سهڪار نه ڪيو، جاچ ڪميٽي کي ريڪارڊ به فراهم نه ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ ميٽرڪ امتحان جي نتيجن ۾ ڦيرڦار جي ذميوار امتحان وٺندڙ سموري ٽيم قرار، انڪوائري ڪميٽي پاران تيار ڪيل رپورٽ نگران وڏي وزير کي ملي وئي. سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن ڊاڪٽر شيرين مصطفيٰ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 29

اسلام آباد: نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ وفاقي ڪابينا جي اجلاس جي صدارت ڪندي

منهنجي لاءِ پاڪستان ئي سڀ ڪجهه آهي: نگران وزيراعظم

پنهنجي گهر پاڪستان کي خوشحال ۽ مستحڪم ٺاهڻو آهي

خوش قسمت آهيان جنهن کي ملڪ جي خدمت جو موقعو مليو

اسلام آباد (م د) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ نگران ڪابينا ۽ وزيراعظم آفيس ۽ هائوس جي سمورن آفيسرن ۽ عملي جي تعاون تي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

پنجاب اسيمبلي جو اجلاس اڄ طلب، چونڊيل ميمبر حلف کڻندا

اجلاس طلب ڪرڻ جي لاءِ سمري پنجاب جي گورنر ڏانهن اماڻي وئي

پنجاب اسيمبلي جو اسپيڪر ميمبرن کان حلف وٺندو

لاهور (م د) ملڪ ۾ عام چونڊن کان پوءِ پنجاب اسيمبلي جو پهريون اجلاس سڀاڻي طلب ڪيو ويو آهي. پنجاب اسيمبلي جو اجلاس طلب ڪرڻ جي لاءِ سمري پنجاب جي گورنر ڏانهن اماڻي وئي آهي. پنجاب اسيمبلي جو اجلاس سڀاڻي صبح جو 10 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

چيف جسٽس خلاف مهم هلائيندڙ هڪ جوابدار گرفتار

گرفتار ڪيل جوابدار عبدالواسع راولپنڊي جو رهواسي آهي

جوابدار ايڪس تي چيف جسٽس کي ڌمڪيون ڏنيون ۽ ڪردار ڪشي ڪئي

اسلام آباد (م د) سپريم ڪورٽ جي چيف جسٽس خلاف سوشل ميڊيا تي مهم هلائيندڙ هڪ جوابدار کي گرفتار ڪيو ويو آهي. ان سلسلي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

گورنر ڪي پي موڪل تي روانو، اسيمبلي اجلاس بابت فيصلو نه ٿيو

گورنر غلام علي ذاتي مصروفيتن سبب 4 ڏينهن لاءِ شهر کان ٻاهر هليو ويو

5 ڏينهن تائين صوبائي اسيمبلي جو اجلاس سڏائڻ جو ڪو امڪان ناهي

پشاور (م د) خيبرپختونخوا اسيمبلي جو اجلاس سڏائڻ جو فيصلو اجا تائين نه ٿي سگهيو. ذريعن موجب، گورنر ڪي پي غلام علي جو اسيمبلي اسجلاس /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

ايم ڪيو ايم وفاق ۾ 4 وزارتون ۽ سنڌ جي گورنر شپ گهري ورتي

قانون سازي جي تحت بلدياتي ادارن کي بااختيار بڻائڻ جو به مطالبو

ڪامران ٽيسوري کي گورنر جي عهدي تي برقرار رکڻ چاهيون ٿا

ڪراچي (م د) متحده قومي موومينٽ (ايم ڪيو ايم) پاڪستان مسلم ليگ (ن) کان وفاقي ڪابينه ۾ 3 کان 4 وزارتن جو مطالبو ڪري ڇڏيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

اسلام آباد: صدر عارف علوي تقريب کي خطاب ڪندي

پي ٽي آءِ پاران انٽرا پارٽي چونڊن جو اعلان، شيڊيول جاري

نامزدگي ڪاغذ 23 کان 24 فيبروري تائين جمع ڪرائي سگهجن ٿا

پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي چونڊن لاءِ اسڪروٽني 25 فيبروري تي ٿيندي

لاهور (م د) پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) انٽرا پارٽي چونڊون ٽي مارچ تي ڪرائڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو. تحريڪ انصاف جي انٽرا پارٽي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 33

ڪيٽي بندر: 70 ايڪڙ پانن جي شيڊن کي باهه، 7 گهر سڙي رک

شيڊن پرسان واقع ڳوٺ نواز ملاح جا 7 گهر به باهه جي لپيٽ ۾ اچي سڙي راک ٿي ويا

ڪيٽي بندر (رپورٽر) تعلقي ڪيٽي بندر جي ديه جنگيسر ۾ سرفراز نظاماڻي پٽيءَ ۾ چِلهه مان چڻنگ اٿڻ سبب 70 ايڪڙن تي ٻڌل تيار ٿيل پانن جي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 32

قلندر شهباز جو ميلو، 29 فيبروري تي عام موڪل جو اعلان

عرس جون تقريبون 29 فيبروري کان ٽن ڏينهن تائين جاري رهنديون

ادبي ڪانفرنس، سنڌي روايتي راند ملاکڙو ۽ ٻيون روايتي تقريبون شامل

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ حڪومت حضرت لعل شهباز قلندر جي 772 هين ٽن ڏينهن واري ساليانى عرس جي سلسلي ۾ 29 فيبروري تي عام /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

لاڙڪاڻو: سياح قديم ماڳ موهن جو دڙو ڏسڻ اچي رهيا آهن

هڪ ڀيرو ٻيهر اسان جي خواهش ۽ آرزو کي ڪچليو ويو آهي: مولانا فضل الرحمان

فڪران ڳالهه جو آهي ته هڪ اليڪشن کان پوءِ مسلسل ٻيو اليڪشن تڪراري هجي ته پارليامينٽ جي ڇا اهميت هوندي

2018 ع جي چونڊن ٿيڻ ڪانپوءِ يقين ٿيو هو ته 2024 ع جون چونڊون شفاف ٿينديون

پارليامينٽ اسان جي ملڪ جو اعليٰ ادارو آهي، هڪ ڀيرو ٻيهر اسان جي خواهش ۽ آرزو کي ڪچليو ويو

جميعت علماءِ اسلام (ف) جي سربراهه مولانا فضل الرحمان چيو آهي ته هڪ ڀيرو ٻيهر اسان جي خواهش ۽ آرزو کي ڪچليو ويو آهي. اسلام آباد ۾ اجلاس کي خطاب ڪندي مولانا فضل الرحمان چيو ته فڪران ڳالهه جو آهي ته هڪ اليڪشن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

شينهن ۽ تير جي وچ ۾ اها شادي ٽئين طاقت زبردستي ڪرائي آهي: حافظ حمدالله

بلاول ڀٽو زرداري کان پڇي ڏسو ته اهو انهي شادي مان خوش نه آهي، جي يو آءِ جو پيغام چٽو آهي اسان في الحال پارليامينٽ وينداسين

معاهدو ته اهو ٿيڻ هو ته بيروزگاري ۽ مهانگائي جو خاتمو ڪنداسين پر اتي ڪرسين جي ورهاست جي ڳالهه ڪئي پئي وڃي

اسلام آباد (م د) جمعيت علماءِ اسلام جي مرڪزي اڳواڻ حافظ حمدالله چيو آهي ته تير ۽ شينهن جي وچ ۾ اها شادي ٽئين طاقت زبردستي ڪرائي آهي. نجي چينل سان ڳالهيون ڪندي حافظ حمدالله چيو ته بلاول ڀٽو زرداري کان پڇي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

سنڌ اسيمبلي جو اجلاس سڀاڻي طلب، نوان چونڊيل ميمبر حلف کڻندا

اجلاس صبح جو 11 وڳي ٿيندو، اسپيڪر اسيمبلي ميمبرن کان حلف وٺندو

حلف برداري کان پوءِ نئين اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊ جو شيڊول جاري ٿيندو

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ ۾ عام چونڊن کان پوءِ سنڌ اسيمبلي جو پهريون اجلاس 24 فيبروري تي طلب ڪيو ويو آهي جنهن ۾ نوان چونڊيل ميمبر /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان پنجاب جي نگران وڏي وزير سيد محسن نقوي جي الوداعي ملاقات

اسلام آباد (م د) نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ سان پنجاب جي نگران وڏي وزير سيد محسن/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

وفاقي ڪابينا 7 ارب 49 ڪروڙ رپين جي رمضان پئڪيج جي منظوري

يوٽيلٽي اسٽورن تي 7 ارب 49 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ جو رمضان پئڪيج ڏنو ويندو

رمضان رليف پئڪيج چار مارچ کان شروع ٿيندو، ٽارگيٽيڊ سبسڊي ذريعي 19 بنيادي شين تي رعايت ڏني ويندي

ملڪي معيشت کي اڳ کان بهتر حالت ۾ ڇڏي وڃي رهيا آهيون، اسان جي حڪمت عملي قومي مفاد لاءِ لاڀائتي ثابت ٿيندي

اسلام آباد (م د) وفاقي ڪابينا يوٽيلٽي اسٽور تي رمضان پئڪيج جي منظوري ڏئي ڇڏي. وفاقي ڪابينا جو اجلاس نگران وزيراعظم انوارالحق جي صدارت هيٺ ٿيو، جنهن ۾ طئي ٿيل ايجنڊا تي غور ڪيو ويو. يوٽيلٽي اسٽور تي رمضان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

آمريڪا کي پاڪستان ۾ سوشل ميڊيا پليٽ فارمز تي پابنديءَ تي ڳڻتي

اسان پاڪستان کان سوشل ميڊيا تائين رسائي بحال ڪرڻ جا مطالبا ڪندا رهيا آهيون: ترجمان

آمريڪا سرڪاري سطح تي پنهنجي ڳڻتيءَ کان پاڪستاني اختيارين کي آگاهه ڪري ڇڏيو آهي

آمريڪا اليڪشن ۾ بي ضابطگين جي ڪنهن به دعويٰ جي مڪمل جاچ ڏسڻ چاهي ٿو

واشنگٽن (م د) آمريڪا پاران پاڪستان ۾ انٽرنيٽ جي بندش ۽ سوشل ميڊيا جي پليٽ فارمز تي پابنديءَ تي ڳڻتيءَ جو اظهار ڪيو ويو آهي. آمريڪي پرڏيهي وزارت جي ترجمان ميٿيو ملر چيو آهي ته اسان پاڪستان کان اظهار جي آزاديءَ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

اڪبر ايس بابر پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي چونڊن کي ٻيهر چيلينج ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو

ليڪشن ڪميشن جي فيصلي موجب سموري پي ٽي آءِ قيادت ڪالعدم ٿي چڪي آهي: اڪبر ايس بابر

سپريم ڪورٽ جي فيصلي ۾ بيرسٽر گوهر خان کي پاڻ نامزد ڪيل پي ٽي آءِ چيئرمين قرار ڏنو هو

اسلام آباد (م د) پي ٽي آءِ جي باني اڳواڻ اڪبر ايس بابر پي ٽي آءِ جي انٽرا پارٽي چونڊن واري فيصلي کي اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان ۾ چيلينج ڪرڻ جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. پي ٽي آءِ قيادت 3 مارچ 2024 تي چونڊون ڪرائڻ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

پشاور هاءِ ڪورٽ جو اسد قيصر جو نالو اي سي ايل مان ڪڍڻ جو حڪم

اسد قيصر عمري جي ادائيگي لاءِ وڃي رهيو هو ته ان کي روڪيو ويو: وڪيل

پشاور هاءِ ڪورٽ اي سي ايل ۾ نالو شامل ڪرڻ جو آرڊر غيرآئيني ۽ غيرقانوني قرار ڏئي ڇڏيو

پشاور (م د) پشاور هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ اڳواڻ ۽ اڳوڻي قومي اسيمبلي جي اسپيڪر اسد قيصر جو نالو اي سي ايل مان ڪڍڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

آمريڪا سان قيدين بابت ڳالهه نه هجڻ سبب عافيه صديقي کي واپس نٿو آڻي سگهجي: فاروق ايڇ نائيڪ

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) سينيٽ جي پرڏيهي معاملن بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جي چيئرمين /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

لاهور هاءِ ڪورٽ پاران دوائن جي قيمتن ۾ واڌ جو نوٽيفڪيشن معطل

قيمتون مقرر ڪرڻ جي لاءِ نگران حڪومت قانون جي ابتڙ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو: وڪيل

حڪومت دوائن جون قيمتون مقرر ڪرڻ جي سيڪشن ڊرگ ايڪٽ مان ڪڍي رهي آهي، نگران حڪومت وٽ اهو اختيار نه آهي

عوامي ۽ جمهوري حڪومت اچڻ واري آهي اهو قدم اها کڻي سگهي ٿي، موجوده نوٽيفڪيشن آئين ۽ قانون جي ابتڙ آهي

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ دوائن جي قيمتن ۾ واڌ جو نوٽيفڪيشن معطل ڪري ڇڏيو آهي. جسٽس شاهد ڪريم دوائن جي قيمتن ۾ واڌ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪرڻ جي درخواست تي ٻڌڻي ڪئي. درخواستگذار وفاقي حڪومت سميت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

واشنگٽن: پاڪستاني سفير سان يو ايس ايڊ جو وفد ملاقات ڪندي

ڊالر جي ملهه ۾ واڌ، اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ گهٽ وڌ جو رجحان

ڪراچي (رپورٽر) اڄ ڪاروبار جي شروعات تي آمريڪي ڊالر گذريل ڏينهن جي انٽربينڪ شرح تي آهي. انٽربئنڪ ۾ ڊالر جي قيمت 279 رپيا 60 پئسا تي مستحڪم آهي. ڪالهه ڪاروبار بند ٿيڻ/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

پاڪستان آءِ ايم ايف جا 26 مان 25 شرط پورا ڪري ڇڏيا

نئين حڪومت ٺهڻ ڪانپوءِ رهيل شرط به پوري ٿي ويندي

ناڻي واري وزارت رپورٽ تيار ڪري آءِ ايم کي اماڻي ڇڏي

اسلام آباد (م د) نگران حڪومت آءِ ايم ايف جي 26 مان 25 شرطن تي عملدرآمد مڪمل ڪرڻ جي رپورٽ آءِ ايم ايف ڏانهن اماڻي ڇڏي. نگران حڪومت عالمي مالياتي اداري سان جاري اسٽينڊ باءِ ارينجمينٽ پروگرام مڪمل ڪرڻ لاءِ 26 /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

عمران خان ڪيترائي دفعا چئي چڪو آهي ته فوج سان اختلاف ناهي: شير افضل مروت

اسلام آباد (بيورو رپورٽ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ شير افضل مروت جو چوڻ آهي ته اسان ڪيترن ئي شين لاءِ فوج تي انحصار ڪندا آهيون. پي ٽي آءِ جو باني ڪيترائي ڀيرا چئي چڪو آهي ته فوج سان ڪنهن به صورت ۾ اختلاف /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

همايون شريف ۾ سڳاوتي تڪرار تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، پيءُ پٽ سميت 3 ڄڻا قتل

فائرنگ جي نتيجي ۾ عبدالڪريم پٽ ميندرو چانڊيو، نور نبي ۽ سندس پٽ گل خان چانڊيو مارجي ويا

اطلاع تي همايون شريف پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي، عبدالڪريم چانڊيو جو لاش اسپتال منتقل ڪيو ويو

جنسال چانڊيو ڌر جي مارجي ويل پيءُ پٽ جا لاش واقعي واري هنڌ پيل رهيا، علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو

همايون شريف (رپورٽر) همايون شريف ۾ سڳاوتي تڪرار تان چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو، پيءُ پٽ سميت 3 ڄڻا قتل ٿي ويا. ٻڌايو پيو وڃي ته فائرنگ جي نتيجي ۾ عبدالڪريم پٽ ميندرو چانڊيو، نور نبي ۽ سندس/بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

شڪارپور ۾ سڱاوتي تڪرار تان جهيڙو، پيءُ پٽ سميت 3 ڄڻا مارجي ويا

شڪارپور جي علائقي همايون ٿاڻي جي حد ۾ سڱاوتي تڪرار تان چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو

فائرنگ جي نتيجي ۾ پيءُ پٽ سميت ٽي ڄڻا مارجي ويا، سڃاڻپ نورنبي سندس پٽ گل خان چانڊيو ۽ عبدالڪريم چانڊيو جي نالن سان ٿي آهي

واقعو سڱاوتي تڪرار سبب پيش آيو، ٻنهي ڌرين ۾ فائرنگ دير تائين هلندڙ رهي، وڌيڪ پوليس نفري طلب

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) سڱاوتي تڪرار تان جهيڙو، پيءُ پٽ سميت ٽي ڄڻا مارجي ويا. شڪارپور جي علائقي همايون ٿاڻي جي حد ۾ سڱاوتي تڪرار تان چانڊيا برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو ٿي پيو، فائرنگ جي نتيجي ۾ پيءُ پٽ سميت ٽي ڄڻا مارجي ويا، پوليس موجب مارجي ويلن جي سڃاڻپ نورنبي سندس پٽ گل خان چانڊيو ۽ عبدالڪريم چانڊيو جي نالن سان ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

شڪارپور: سڱاوتي تڪرار تان قتل ٿيلن جا لاش پيل آهن

ٺاروشاهه ۾ ٺماڪيدار مادو هٿ اچڻ واريون خبرون هلائڻ تان بااثرن جو صحافي جي گهر تي حملو

ٺاروشاهه (رپورٽر) ٺاروشاهه ۾ پوليس پاران ٺماڪيدار مادي جي اطلاع تي ڇاپو هڻڻ وارو معاملو ڇاپي جون خبرون هلائڻ تان بااثرن صحافي جي گهر تي حملو صحافي پاران ٽائون ڪاميٽي جي ڪائونسلر ٽڪا خان خانزادا سميت چار ڄڻن خلاف ڪيس داخل گرفتاري عمل ۾ اچي نه سگهي. ٺاروشاهه پوليس پاران قاتلن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

مليرجي ڳوٺ مان ٻن ڏينهن کان گم نينگري جو لاش پاڻي جي ٽانڪي مان هٿ

عبدالله ڳوٺ مان پورهيت اختيار پٽي جي ٻن ڏينهن کان گم معصوم نينگري عذرا جو لاش گهر لڳ پاڻي جي ٽانڪي مان مليو

ڌيءَ گم هئي ڳولا باوجود هٿ نه آئي، اڄ لاش پاڻي جي ٽانڪي مان مليو آهي، خدشو آهي ته ماري ٽينڪ ۾ اڇلايو ويو: والد

واقعي جي جاچ ڪري رهيا آهيون پوسٽ مارٽم مان خبر پوندي ته واقعو ڪيئن پيش آيو آهي: پوليس

ملير (ڊ.ر) عبدالله ڳوٺ مان ٻن ڏينهن کان گم معصوم نينگري جو لاش پاڻي جي ٽانڪي مان هٿ، پوليس پهچي لاش پوسٽ مارٽم لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪرايو. گهر ۾ روڄ راڙو منهنجي ڌيءَ گم هئي ڳولا باوجود هٿ نه آئي اڄ لاش گهر پرسان پاڻي جي ٽانڪي مان مليو آهي خدشو آهي ته ماري ٽينڪ ۾ اڇلايو ويو آهي والد اختيار پٽي تفصيل موجب شاهه لطيف ٿاڻي جي حد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

نئون ڪوٽ: چيلهار واسڻ ناري جو مڙس خلاف احتجاج

ڏوڪي سان پيرسن سان شادي ڪرائي وئي، مڙس زبردستي ڌارين ماڻهن وٽ وٺي ويندو: ناري

آئون گهران نڪري هتي پهتي آهيان، منهنجو مڙس ۽ ڏير مونکي ڳولي رهيا آهن

نئون ڪوٽ (رپورٽر) ڏوڪي سان پيرسن سان شادي ڪرائي وئي، مڙس زبردستي ڌارين ماڻهن وٽ وٺي ويندو هو ڪاٽس ڌار ٿيڻ چاهيان ٿي، چيلهار واسڻ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

نئون ڪوٽ پريس ڪلب

بدين ۾ پوليس جون منشيات فروشن خلاف ڪارروايون تيز، 13 گرفتار، منشيات هٿ

پوليس 24 ڪلاڪن دوران مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪري 4 منشيات فروش جوابدارن گل حسن ڏانڊل، ڪريم بخش ڏانڊل، ارشد جتوئي ۽ دلبر جتوئي کي گرفتار ڪيو

پوليس جوابدارن جي قبضي مان 3090 گٽڪا، سفينا ۽ گٽڪي ٺاهڻ ۾ استعمال ٿيندڙ ڪچو سامان ڪاٽر 2 پيڪٽ، بابا جاني پتي جا 8 پيڪٽ، آرزو پتي 27 پڙيون هٿ ڪيون

پنگريو ۾ مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪري ٽن گٽڪا وڪرو ڪندڙ جوابدارن چندر ڪولهي نريش مهاراج ۽ نعيم ميمڻ کي گرفتار ڪري ورتو

بدين (رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) ايس ايس پي بدين مير روحيل خان کوسو جي هدايتن تي بدين ضلعي ۾ منشيات فروشن خلاف ڪارروايون تيز ڪيون ويون آهن بدين پوليس 24 ڪلاڪن دوران 13 منشيات فروش گرفتار ڪري ورتا جوابدارن جي قبضي مان 6230 تيار ڪيل گٽڪا /سفينا 300 گرام چرس، 10 بوتلون شراب جون ۽ گٽڪا ٺاهڻ ۾ استعمال ٿيندڙ ڪچو سامان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

ٽنڊو محمد خان ۾ پورهيت جي موٽر سائيڪل چوري

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ ايم علي بروهي) شيخ پرڪيو موٽر سائيڪل تي چولا ڪپائي پنهنجن ٻچن جو گذر ڪندڙ پورهيت جي به چورن موٽر سائيڪل به نه بخشي موٽر سائيڪل چوري ٿيڻ کانپوءِ پورهيت بيروزگار ٿي ويو سندس ٻچا ۽ بکون ڪاٽڻ تي مجبور بڻيل آهن شيخ پرڪيو ويجهو ڳوٺ محمد عثمان لاڪو جو رهواسي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

بدين: پوليس جي ڪارروائين ۾ گرفتار ٿيل ڏوهاري نظر اچي رهيا آهن

ٽنڊو محمد خان ۾ سنڌي ادبي سنگت پاران مادري ٻولين جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان ميڙاڪو

مادري ٻولين جو عالمي ڏينهن ملهائڻ جو مقصد پنهنجي ٻولي ۽ ڌرتي سان محبت جو وچن ورجائڻ آهي: اڳواڻ

اسانکي ڪنهن به ٻولي کان نفرت نه آهي پر هر سرزمين جي ٻولي کي پنهنجو رتبو ملڻ گهرجي

وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جو فرض ٿئي ٿو ته سنڌي سميت سمورين مادري ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو ڏنو وڃي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: ايم علي بروهي) سنڌي ادبي سنگت شاخ ٽنڊو محمد خان پاران مادري ٻولين جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ ميڙاڪو ٿي گذريو جنهنکي خطاب ڪندي سنڌي ادبي سنگت جي اڳوڻي مرڪزي خزانچي اعظم پٽي، ضلعي رابطا سيڪريٽري آغا جان آغا، اعجاز علي جسڪاڻي، ڊاڪٽر جمال ناصر سولنگي، گل خاصخيلي/بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

نوشهرو فيروز ۾ هدايت لوهار جي خون سان انصاف لاءِ پ ٽ الف جو مظاهرو

احتجاج ۾ نوشهرو فيروز جي مختلف سياسي، سماجي تنظيمن پاران شرڪت ڪئي وئي، ريلي ۾ پ ٽ الف تعلقو نوشهرو فيروز جي صدر لالا عبدالستار پناڻ ۽ ٻين خطاب ڪيو

هدايت لوهار کي ٿاڻي اڳيان قتل ڪيو ويو آهي، ان جي قاتلن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏئي وارثن سان انصاف ڪيو وڃي

پ ٽ الف جي مرڪزي قيادت سميت سنڌ جون سڃاڻ ڌريون استاد هدايت لوهار جي نياڻين سسئي ۽ سورٺ سان انصاف ڏيارڻ تائين گڏ رهنديون

نوشهروفيرو (رپورٽ: منظور ملڪ) پ ٽ الف مرڪز جي هدايت تي شهيد استاد هدايت لوهار جي خون سان انصاف لاءِ پ ٽ الف نوشهرو فيروز جي صدر پير مظفر جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب نوشهرو فيروز وٽ احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج ۾ نوشهرو فيروز جي مختلف سياسي، سماجي تنظيمن پاران شرڪت ڪئي وئي، ريلي ۾ پ ٽ الف تعلقو نوشهرو فيروز جي صدر لالا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ٺٽي ۾ سنڌ ايمرجنسي ميڊيڪل ڊسپيچرز ۽ ٻين جي حلف برداري تقريب ٿي گذري

ٺٽو (ب) سنڌ ايمرجنسي ميڊيڪل ڊسپيچرز ۽ ايمرجنسي ٽيلي ڪميونيڪيٽرز آف ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول جي حلف برداري تقريب منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ سمورن نون عهديدارن پنهنجي ذميوارين جو حلف کنيو ان موقعي تي تقريب کي سي اي او طارق قادر لاکير خطاب ڪندي چيو ته اسان پنهنجي خواب کي حقيقت ۾ تبديل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

نوشهروفيروز: پ ٽ الف پاران هدايت لوهار جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

شڪارپور ۾ ڪسان مزدور تحريڪ پاران اسرائيلي جارحيت خلاف احتجاجي مظاهرو

فلسطين ۾ اسرائيلي جارحيت ۽ پي ايس ايل 9 ۾ پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ طرفان ڪي ايف سي سان گڏ اسپانسرشپ خلاف ريلي ڪڍي وئي

اڄ پوري دنيا ۾ فاسٽ فوڊ تيار ڪرڻ واريون ڪمپنيون جيڪي گهڻي تعداد ۾ اسرائيلي ۽ امريڪي آهن: مظاهرين

فلسطين ۾ ماڻهو بک وگهي مرڻ لڳا آهن، ڇهن مهينن کان انهن کي کاڌو موڪلڻ بند ڪيو ويو آهي، پوري دنيا اسرائيل جي ظلمن تي خاموش بڻيل آهي

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) پاڪستان ڪسان مزدور تحريڪ يوٿ ونگ ضلع شڪارپور پاران فلسطين ۾ اسرائيلي جارحيت ۽ پي ايس ايل 9 ۾ پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ طرفان ڪي ايف سي سان گڏ اسپانسرشپ خلاف ميرائي پارڪ کان ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري ۾ پي ڪي ايم ٽي جي نوجوان ميمبرن نجي الله جتوئي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 34

دادو ۾ سگا پاٽ شريف پاران ٻولين جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان تقريب منعقد

تعليمي ادارن ۾ شاگردن کي پرائمري تعليم سندن مادري ٻولي ۾ ڏني وڃي، پنج هزار سالن کان قديم سنڌي ٻولي ڳالهائڻ لکڻ ۽ پڙهڻ اسان سنڌ واسين جي اصل سڃاڻپ آهي: اڳواڻ

اڄ جو نوجوان پنهنجي مادري ٻولي جي افاديت کي سمجهي ان جي اهميت ۽ ان جي بقا لاءِ ڀاڄ پتوڙي ته ان کان وڌيڪ ٻي خوشي ڳالهه ڪهڙي ٿي سگهي ٿي

ريلي ۾ شهرين، استادن ۽ شاگردن بينر کڻي سنڌي ٻولي قومي ٻولي جا نعرا هنيا، اڳواڻن پاران سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيڻ جي گهر ڪئي وئي

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) سگا شاخ پاٽ شريف پاران ٻولين جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان تقريب ڪرائي وئي ۽ ريلي پڻ ڪڍي وئي سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏنو وڃي: تفصيل موجب سگا شاخ پاٽ شريف پاران سنڌي ادبي سنگت شاخ پاٽ شريف جي سهڪار سان سليم چنا لائبريري پاٽ شريف ۾ ٻولين جي عالمي ڏهاڙي جي حوالي سان تقريب منعقد ڪئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 35

سکر ۾ صحافي جان محمد مهر جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي ملتوي

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ)شهيد جان محمد مهر قتل ڪيس جي ٻڌڻي 12 مارچ تائين ملتوي ان سلسلي ۾ سکر جي سينيئر صحافي شهيد جان محمد مهر جي قتل ڪيس جي ٻڌڻي دهشتگردي ترڙ عدالت جي جج قاضي عبدالرحمان ڪئي، جوابدارن کي سينٽرل جيل سکر مان عدالت آندو ويو ٻڌڻي دوران / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 36

ريلي
سنڌي ٻولي قومي ٻولي

دادو: سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ ريلي ڪڍي پئي وڃي

گڏاپ جي ڳوٺ ۾ جهوپڙي کي باهه، نينگري سڙي فوت

مليرجي گڏاپ واري علائقي انور ڳوٺ ۾ گذريل ڏينهن اوچتو جهڳي کي باهه لڳي وئي

ٻن ورهين نينگري سڙي زخمي ٿي، علاج دوران زخمن جي سٽ نه سهندي فوت ٿي وئي

مليرا (ڊ ر) گڏاپ جي انور ڳوٺ ۾ جهڳي کي باهه، نينگري سڙي فوت. لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام. تفصيل موجب ملير جي گڏاپ واري علائقي انور ڳوٺ ۾ گذريل ڏينهن اوچتو جهڳي کي باهه لڳي وئي جنهن جي نتيجي ۾ ٻن ورهين جي معصوم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

ٽنڊو محمد خان ۾ چنگچي رڪشا ۽ موٽرسائيڪل ۾ ٽڪر، 10 ڄڻا زخمي

سجاول روڊ تي چنگچي رڪشا ۽ موٽر سائيڪلن جي ٽڪر ۾ عورتن سميت 10 ڄڻا زخمي

زخمين کي ٽنڊو محمد خان جي اسپتال داخل ڪيو ويو، ٽن زخمين جي حالت ڳڻتي جوڳي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: ايم علي بروهي) بلاڙي شاهه ڪريم جي سجاول روڊ تي چنگچي رڪشا ۽ موٽر سائيڪل جي ٽڪر ۾ عورت سميت 10 ڄڻا زخمي، اسپتال داخل. بلاڙي شاهه ڪريم جي ڏهون ميل بس اسٽاپ سجاول روڊ تي چنگچي رڪشا ۽ ٻن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

شڪارپور ۾ شيخ اياز يونيورسٽي ۾ راندين جا مقابلا جاري

راندين ۾ رسا ڪشي، لوڊو راند، والي بال، ٽيبل ٽينس ۽ ٻيون رانديون ڪيڏيون پيون وڃن

پڙهائي سان گڏوگڏ رانديون ضروري آهن، ذهن ۽ جسم سان شاگردن ۾ چستي پيدا ٿئي ٿي: اڳواڻ

شڪارپور (رپورٽ: عبدالخالق سومرو) شيخ اياز يونيورسٽي شڪارپور ۾ مختلف راندين جا مقابلا جاري آهن جنهن ۾ رسا ڪشي سئو ميٽر رنيس، لوڊو راند /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

شڪارپور: شيخ اياز يونيورسٽي ۾ شاگرديائيون رسا ڪشي جا مقابلا ڪندي

دوائن جي اگهن ۾ اضافو ظالماڻي حڪمراني جي نشاني آهي: محمد حسين محنتي

بجلي، پيٽرول ۽ گيس جي اگهن ۾ اضافي کان پوءِ هڪ ٻيو عوام دشمن ۽ ظالماڻو فيصلو آهي

دوائن جي اگهن ۾ ڳاٽي ٽوڙ اضافي جو نوٽيفڪيشن حڪومت في الفور واپس وٺي

ڪراچي (اسٽاف رپورٽ) 22 فيبروري 2024 جماعت اسلامي سنڌ جي امير ۽ اڳوڻي ايم اين اي محمد حسين محنتي پيٽرول، بجلي ۽ گيس کان پوءِ حياتي بچائڻ وارين 146 دوائن جي اگهن ۾ اضافي جو فيصلو عوام دشمن ۽ ظالماڻو قرار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

بدين ۾ ڪروڙين روپين جي لاڳت تعمير ٿيندڙ روڊ ڪندر ٻڏجي ويو

پل جي تعمير ۾ سريو لڳائي ۽ روڊ جي تعمير ۾ مٽيريل سٺو استعمال ڪري مون اطلاع ڏنو وڃي: ڊي سي بدين

روڊ جو بااثر ٺيڪيدار ڪم اڌ ۾ ڇڏي هليو ويو، روڊ جي تعميرات لاءِ پٿرو چيل هڻڻ آمد رفت بند ٿي وئي

بدين (رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) اسلاميا ڊگري ڪاليج بدين لڳ هائي ويز کاتي پاران پاران ڪروڙين روپين جي لاڳت سان تعمير ٿيندڙ روڊ ۾ ڪٽڻ جو ناڪارا پٿر استعمال ڪرڻ ۽ گٽر نالي مٿان پل جي تعمير ۾ لوهي سريو لڳائڻ بجاءِ ڪاٺيون ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

سکر ۾ هٿيار بندن وڊيو گيمز جي دڪان تان هزارين روپيا ڦر

فريڪل ڪالوني ۾ اڻڄاتل هٿيار بندن وڊيو گيمز جي دڪان تان هزارين روپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا

جوابدار دڪان ۾ داخل ٿي هٿيارن جي زور تي مون کان روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا: دڪاندار

سکرا (بيورو رپورٽ) سکر شهر ۾ ڦر ۽ چورين جي وارداتن ۾ ٺاپر نه آئي سي سيڪشن جي حد ۾ اڻڄاتل هٿيار بندن وڊيو گيمز جي دڪان تان هزارين روپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا. تفصيل موجب سکر جي سي سيڪشن ٿاڻي جي حد سول اسپتال سکر پرسان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

سنڌ جي ٻهراڙين ۾ تعليم جو تمام وڏو فقدان آهي: ڊاڪٽر احسان نظاماڻي

پاڪستان ۾ اعليٰ ڊگرين حاصل ڪرڻ باوجود بيروزگاري جو پيدا ٿيل بحران جو نبيرو ڪرڻ پڻ لازمي آهي

نياڻين جي تعليم کي اڄ جي جديد دور ۾ پٺتي رکيو ويو آهي، تعليم ترقي ڏانهن اڳتي وڌي سگهي ٿي

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: ايم علي بروهي) سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ جديد تعليم جي فقدان کي ختم ڪرڻ لاءِ وفاقي صوبائي سطح تي شاگردن ۽ شاگرديائين ۾ تحقيقي ڄاڻ لاءِ سبجيڪٽ مقرر ڪرڻ جي ضرورت آهي. اهڙو اظهار چين مان جديد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

خانپور مهر ۾ ٽي وي جرنلسٽس جي چونڊ ٿي گذري

الهورايو بوزدار چيئرمين لطيف لغاري جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويا

گهوٽڪي ۾ ايسوسيئيشن آف ٽي وي جرنلسٽس گهوٽڪي جي سال 2024 جي چونڊ ٿي

خانپور مهر(رپورٽ: آفتاب سيال) گهوٽڪي_ ايسوسيئيشن آف ٽي وي جرنلسٽس گهوٽڪي جي چونڊ، الهورايو بوزدار چيئرمين لطيف لغاري جنرل سيڪريٽري چونڊجي ويا. خبر موجب گهوٽڪي ۾ ايسوسيئيشن آف ٽي وي جرنلسٽس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

نوشهرفيروز ۾ پورهيتن جو واپڊا ملازم جي ظلمن خلاف احتجاج

واپڊا ملازم اسان تي ڪوڙا الزام هڻي ڪيس ڪري اسان کي بليڪ ميل ڪري رهيو آهي: پورهيت

اسان کي هن مان خطرو آهي هي پاڻ سان به ٽي ڏوهاري گڏ ڪري هٿيارن جي زور تي اسان کي ڌمڪائي ٿو

نوشهرو فيروز (ڊ ر) پورهيتن بابر کوسو ۽ مير حسن کوسو جو واپڊا ملازم عبدالستار چانڊيو جي ظلمن خلاف احتجاج انهن ڪيون ڳوٺ جمن خان کوسو جي رهواسين پورهيت بابر علي کوسو ۽ ميرحسن کوسو پاران واپڊا لائن مين عبدالستار /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

سماجي برائين ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي: ايس ايس پي سکر

پوليس ڪارروائين دوران 4 جوابدارن کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيا آهن

جوابدار محمد اسلم کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان ٻه ڪلو چرس هٿ ڪيو آهي

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) ايس ايس پي سکر زبير نذير احمد شيخ جي هدايت تي سماجي برائين ۾ ملوث جوابدارن خلاف ڪريڪ ڊائون جاري آهي. گذريل ڏينهن سکر پوليس مختلف ڪارروائين دوران 04 جوابدارن کي گرفتار ڪري سندن خلاف ڪيس داخل ڪري ڇڏيا، پوليس ترجمان موجب ايس ايڇ او اي سيڪشن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

سکر: پوليس جي ڪارروائين ۾ گرفتار ٿيل ڏوهاري لاڪ اپ ۾ بيٺل آهن

پوليو کان بچاءِ جو واحد حل صرف بچاءِ جا قطرا پيارڻ آهي: ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان

پنجن سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن کي پوليو کان بچاءِ جا قطرا هر مهم ۾ لازمي پيارايا وڃن

ليڊي هيلٿ ورڪر فيلڊ ۾ ڪميونٽي جاڳرتا بابت پنهنجي ذميدارين کي بهتر نموني ادا ڪن

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: ايم علي بروهي) ڊپٽي ڪمشنر ٽنڊو محمد خان ڏرمون پاراڻي چيو آهي ته پوليو کان بچاءِ جو واحد حل صرف پوليو کان بچاءِ جا قطرا پيارڻ آهي تنهن ڪري پنهنجي پنجن سالن کان گهٽ عمر جي ٻارن کي پوليو کان بچاءِ جا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

دادو ۾ پوليس پاران ڦر ٿيل موٽرسائيڪل واپس ڪرائي

پوليس جديد ٽيڪنالاجي سان مختلف علائقن تي ڇاپا هڻي ڦر ٿيل موٽرسائيڪل واپس ڪرائي

فريادي محسن پنهور جي گهر مان نامعلوم چورن هڪ موبائيل فون چوري ڪئي هئي

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) انچارج 15 مددگار دادو ۽ سندس ٽيم گذريل رات جو جيلاني هائوس دادو کان نامعلوم ڦورن پاران محمد حنيف جانوري کان موٽرسائيڪل ڦر ڪري فرار ٿي ويا هئا جنهن جو اطلاع اي سيڪشن دادو تي اطلاعي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

ملير: پينس ڪالوني ۾ زهريلو چارو وڪرو ٿيڻ سبب 40 مينهون مري ويون

ملير ۾ ايشيا جي چوپائي مال جي وڏي ۾ وڏي منڊي پينس ڪالوني ۾ زهريلي چاري جو وڪرو بند ٿي نه سگهيو

سال جي پهرين مهيني جنوري کان فيبروري تائين 40 کان وڌيڪ مينهون مري ويون، واڙي مالڪن کي ڪروڙين روپين جو نقصان

ڪڏي ڪم ۾ ڊيلرن سان لائيو اسٽاڪ کاتو پڻ بڻيل آهي، ڪا فيڪٽري رجسٽرڊ ناهي پيتي تي ڪم هلي ٿو: اڳواڻ

ملير (رپورٽ: فاروق پنگوار) ملير ۾ چوپائي مال جي ايشيا ۾ وڏي ۾ وڏي منڊي پينس ڪالوني ۾ زهريلي چاري جو وڪرو بند نه ٿيو. جنوري کان فيبروري تائين جي هڻ ٻن مهينن ۾ 40 کان وڌيڪ مينهون مري ويون. واڙي مالڪن طرفان چاري جي ڊيلرن خلاف ڪيس داخل. واڙي مالڪن کي ڪروڙين روپين جو نقصان. لائيو اسٽاڪ کاتو ملوث آهي قانون تي ڪير به عمل ڪرڻ وارو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

ملير: زهريلو چارو کائڻ سبب مري ويل مينهون

بدين ۾ ڊپٽي ڪمشنر جي صدارت ۾ ٽاسڪ فورس گڏجاڻي ٿي گذري

بدين (رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) ڊپٽي ڪمشنر بدين عبدالفتاح هليو جي زير صدارت دربار هال ۾ پي اي آئي ۽ اي پي آئي سنڌ جي ٽاسڪ فورس جي گڏجاڻي منعقد ڪئي وئي ان موقعي تي ڊپٽي ڪمشنر بدين ضلعي جي عوام کي اپيل ڪندي چيو ته هو پنهنجن 2 سالن کان گهٽ گلن جهڙن ٻارڙن کي 12 خطرناڪ بيمارين کان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

ڪنڊڪوٽ ۾ مبينا پوليس مقابلي ۾ مارجي ويلن جو نبيرو ٿي گذريو

الزام هيٺ آيل اڳوڻي ايس ايڇ او، وڏي منشي، ننڍو منشي، پي سي ۽ ٻين تي خون جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي ڏيڍ ڪروڙ ڏنڊ رکيو ويو

ڌرين مٿان ڏوهه ثابت ٿيڻ تي مٿن ڏيڍ ڪروڙ روپيا ڏنڊ مان ٽي لک روپيا انهن موقعي تي ادا ڪيا ۽ بقايا ڏنڊ جي رقم ٽن قسطن ۾ ادا ڪئي ويندي

مبينا مقابلي ۾ ملوث پوليس اهلڪارن کي ايس ايس پي لاڙڪاڻو هاءِ ڪورٽ جي ڊبل حڪم بعد ڪين هڪ مهينو اڳ نوڪري کان معطل ڪيو ويو هيو

ڪنڊڪوٽ (رپورٽ: جنيد غالب بلوچ) غوثپور هڪ سال اڳ غوثپور پوليس جي جڙتو مقابلي ۾ مارجي ويل شيخ برادري جي ٻن پورهيتن جي خون جو نبيرو اڄ شام شڪارپور ۾ شيخ برادري جي اڳواڻ مقبول شيخ جي سرپرستي هيٺ شيخ هائوس ۾ ٿي گذريو نبيري دوران الزام هيٺ آيل اڳوڻي ايس ايڇ او غوثپور احمد نواز جکراڻي وڏي منشي عبدالله جتوئي ننڍو منشي بخت علي سومرو پي سي ضياء /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

جهڏو ۾ نوجوان بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت

قائم خاني پاڙي ۾ نوجوان هاءِ وولٽيج جي بجلي جي تارن مان ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو

نوجوان گهر جي بجلي ٺاهي رهيو هو ته تار مان اوچتو ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو

جهڏو (رپورٽر) جهڏو ۾ نوجوان بجلي جو ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت. شهر جي قائم خاني پاڙي ۾ 28 سالا نوجوان نويد قائم خاني پنهنجي گهر جي ڇت تان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

راڻيپور مان ڦر ٿيل موٽرسائيڪل واپس نه ٿي، شهرين جو ڌرڻو

راڻيپور مان ڪجهه ڏينهن پهريان جاني لاڙڪ کان نامعلوم هٿيار بند هٿيارن جي زور تي موٽرسائيڪل ۽ موبائيل فون ڦري فرار ٿي ويا هئا

شهرين راڻيپور ٿاڻي اڳيا ڌرڻو هنيو هو، ايس ايڇ او راڻيپور شهرين کان پندرنهن ڏينهن مهلت گهري هئي، پوليس ڪو قدم نه کنيو

پوليس سڪا دلاسا ڏئي رهي آهي، اسان کي انتظار ڪرايو ويو آهي، اسان جي نوجوان کان شهر مان ڏوهاري گاڏي ڦري ويا: مظاهرين

راڻيپور (رپورٽر) راڻيپور مان ارڙهن ڏينهن اڳ جاني لاڙڪ کان ڦر ٿيل موٽر سائيڪل ۽ موبائيل فون پوليس واپس نه ڪرائي سگهي راڻيپور ٿاڻي اڳيان شهرين جو ٻيهر ڌرڻو رپورٽ موجب راڻيپور مان ارڙهن ڏينهن پهريان جاني لاڙڪ کان نامعلوم هٿيار بند ڏينهن ڏٺي جو هٿيارن جي زور تي موٽرسائيڪل ۽ موبائيل فون ڦري فرار ٿي ويا هئا جنهن بعد شهرين راڻي پور ٿاڻي اڳيا ڌرڻو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

راڻيپور: ڦر ٿيل موٽرسائيڪل واپس نه ٿيڻ تي شهري ڌرڻو هڻي ويٺل آهن

مورو ۾ پوليس چوري ٿيل موٽر سائيڪل واپس ڪرائي ڇڏي

نوشهرو فيروز (رپورٽ: منظور ملڪ) مورو پوليس جي ڪارروائي ڪجهه ڏينهن اڳ جمال شاهه ميلي تان اعجاز مشوري جي ايڪسپريس موٽرسائيڪل چابي چور ڪاهي فرار ٿي ويا جنهن جي مورو ٿاڻي تي اين سي پڻ داخل ڪرائي هئي اڄ مورو پوليس چابي چور عرفان وگڻ کي گرفتار ڪري سندس وٽان هڪ موٽر سائيڪل /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

سکر جي گهٽين ۽ روڊن تي چوپائي مال جي گهمڻ ڪري حادثا معمول بڻيل

سکر جي روڊن رستن تي ڍورن جو انگ ڏينهون ڏينهن وڌڻ لڳو، روڊ حادثن ۾ اضافو روڊ ڍورن سان ڀريل هجڻ ڪري سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي

جانور پري کان نظر ئي ڪونه ٿا اچن جانورن جا مالڪ چارو بچائڻ خاطر انهن کي روڊن تي ڇڏي هليا وڃن ٿا: شهري

نوٽيس وٺي جانورن پنهنجي قبضي ۾ وٺي يا ڪين پڪڙي وڃي، شهرين جي زندگين کي محفوظ بڻائي سگهجي

سکر(رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) سکر شهر جي گهٽين ۽ روڊ رستن تي چوپائي مال جي گهمڻ ڪري حادثن ۾ واڌ جو سبب بڻجي ويا شهري حلقن ۾ پريشاني جي لهر ضلعي انتظاميا کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو تفصيل موجب سکر شهر جي روڊن رستن تي آوارا ڍورن جو انگ ڏينهون ڏينهن وڌي رهيو آهي، جنهن سبب روڊ حادثن ۾ به اضافو ٿئي پيو سکر جا مکيه روڊ آوارا ڍورن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

ٺاروشاهه ۾ ٺماڪيدار مادي جي اطلاع تي پوليس جو ڇاپو، احتجاج

ٺماڪيدار مادو پٺاڪن جي ٽرڪ جي اطلاع تي هڪ جڳهه تي ڇاپو هنيو، خانزادا برادري جي سوين ماڻهن ٿاڻي جو گهيراءُ ڪيو

اسانکي اطلاع مليو ته مينهن جي واڙي تي پٺاڪن جي ٽرڪ لٿي آهي، واڙي جي تلاشي ورتي ته خانزادا برادري ٿاڻي جو گهيراءُ ڪيو آهي: پوليس

ٺاروشاهه پوليس اسان جي واڙي تي چڙهائي ڪري اسان جي بيعزتي ڪئي آهي، اسان پرامن احتجاج ڪيو سين ته پوليس احتجاج به ڪرڻ نٿي ڏئي: خانزادا برادري

ٺاروشاهه (رپورٽر) ٺاروشاهه جي خانزادا محلي ۾ ٺماڪيدار مادي جي اطلاع تي پوليس جو ڇاپو رهواسين ۽ ٽائون جي وائيس چيئرمين ۽ ڪائونسلر جو ٿاڻي جو گهيراءُ پوليس خلاف نعريبازي احتجاج. ٺماڪيدار مادو پٺاڪن جي ٽرڪ جي اطلاع تي هڪ جڳهه تي ڇاپو هنيون جنهن تان خانزادا برادريءَ جي سوين ماڻهن ٿاڻي جو گهيراءُ ڪيو ايس ايڇ او ٺاروشاهه. ٺاروشاهه ۾ خانزادا /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ٺاروشاهه: ٺماڪيدار مادي جي اطلاع تي پوليس ۽ شهري گڏ ٿيل آهن

ٽنڊو محمد خان ۾ صحافين ۾ صحت ڪارڊ تقسيم ڪيا ويا

ٽنڊو محمد خان (رپورٽ: ايم علي بروهي) ٽنڊو محمد خان ۾ فيڊرل يونين آف جرنلسٽ جي طرفان صحافين ۾ صحت ڪارڊ تقسيم ڪيا ويا. ٽنڊو محمد خان پريس ڪلب ۾ منعقد ڪيل صحت ڪارڊ تقريب کي سنڌ جي اڳوڻي وڏي وزير جي خاص معاون موجوده ضلعي چيئرمين سيد قاسم نويد مخاطب ٿيندي چيو ته اڳوڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

دادو ۾ آءِ آر سي پاران تربيتي ورڪشاپ ڪوٺايو ويو

ادارن جو پاڻ ۾ مسلسل گڏجڻ مسئلن جي نشاندهي ڪري ان تي لاءِ عمل جوڙڻ خوش آئيند قدم آهي: اڳواڻ

2022 واري ٻوڏ کان پوءِ دادو ضلعي ۾ سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن، اين جي اوز ۽ بين الاقوامي ادارن تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي

چائلڊ پروٽيڪشن اٿارٽي، وومين اينڊ چائلڊ پروٽيڪشن سيل، ٻارن ۽ عورتن جي حقن جو تحفظ ڪرڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيا آهن

دادو (رپورٽ: عزيزالله خاصخيلي) انٽرنيشنل ريسڪيو ڪميٽي(آئي آر سي) اين جي او پاران، ٻارن ۽ عورتن جي حقن تي ڪم ڪندڙ سرڪاري توڙي خانگي ادارن وچ ۾ آئي آر سي (انٽرنيشنل) جي آفيس ۾ ريفرل ميڪنزم تي تربيتي ورڪشاپ ڪوٺايو ويو. جنهن ۾ دادو ضلعي انتظاميا، چائلڊ پروٽيڪشن اٿارٽي، صوبائي محتسب اعليٰ، لوڪل گورنمنٽ، ڊي اي او /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

بدين ۾ ڳوٺ صالح خاصخيلي جي اسڪول ۾ ماستر غائب، ٻارڙن جو مستقبل داءَ تي

اسڪول ۾ مهينا گم ماستر صرف بائيو ميٽرڪ واري سان ڏيتي ليتي هئڻ سبب هڪ ڏينهن اسڪول تي اچي بائيو ميٽرڪ ڪري هليو ٿو وڃي: شاگرد

سوين معصوم ٻارڙن جو مستقبل تباهه ٿي رهيو آهي، اعليٰ اختياريون اسڪول تي مسلسل غير حاضر استاد جو نوٽيس ورتو وڃن

استاد بدلي ڪري محنتي ايماندار استاد مقرر ڪري سوين ٻارڙن جو مستقبل تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي، ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌائيندا سين

بدين(رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) يونين ڪائونسل پيرفتح شاهه جي ڳوٺ صالح خاصخيلي جو گورنمنٽ پرائمري اسڪول محمد صالح خاصخيلي جو اسڪول ماستر مهينن کان غائب مهيني ۾ هڪ دفعو اچي بائيو ميٽرڪ واري سان ڏيتي ليتي هئڻ سبب آڱوٺو هڻي مهينو گم ٿيو وڃي ڏيڍ سئو کان مٿي معصوم شاگردن جو مستقبل داءَ تي لڳل تعليم کاتي کي بار بار شڪايتون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

بدين: پرائمري اسڪول ۾ ماستر ڊيوٽي نه اچڻ خلاف شاگرد احتجاج ڪري رهيا آهن

سکر ۾ هاءِ ڪورٽ بار جون چونڊون 24 فيبروري تي ٿينديون

سکر (رپورٽ: امداد علي گل ڪلوڙ) هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئيشن سکر جون سال 2024ع جون چونڊون 24 فيبروري تي ٿينديون، صدر جو اميدوار قربان ملاح جنرل سيڪريٽري آچر گبول ۽ دانش عثمان غني ميمڻ جن بنا مقابلي سيارا ٿيا وڪيلن جي اليڪشن جي جمهوري عمل ۾ نائب صدر، جوائنٽ سيڪريٽري لائبريري سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com

جمع 23 فيبروري 2024ع

‘چار قل‘ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن لاءِ به!

هونئن ته ڪڏهن ڪڏهن ڪرپشن جي چڙواڳ چمر ميرٽ جي سج اڳيان اچي ان جي جوت جهڪي ڪري ٿي ڇڏي. پر ٻن ڏهاڪن کان اهو ويساهه سان چئي سگهجي ٿو ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ ميرٽ جو سج مڪمل طور تي گرهجي چڪو آهي ۽ سرڪاري نوڪري لاءِ باصلاحيت نوجوانن جي ميرٽ تي ڀرتين لاءِ قائم ڪيل هي ادارو سفارش ۽ ڪرپشن سبب تباهه ٿي ويو آهي. هاڻي هتي نه صرف سڪا رائج الوقت جو گذر آهي پر اڪثر ڪري ان اداري لاءِ اها راءِ به پختي ٿيندي پئي وڃي ته هي ادارو اصل ميرٽ بدران سياستدانن ۽ ڪامورن طرفان ملندڙ انهن جي اولاد ۽ مِٽن مائٽن جي نالن واري لسٽ تي قبوليت جي مهر ثبت ڪرڻ وارو ادارو بڻجي چڪو آهي. هي ادارو جيڪو بي پهچ ۽ غريب، پر باصلاحيت نوجوانن جي ڀرتيءَ لاءِ واحد ادارو سمجهيو ويندو هو، پر هاڻي ان پنهنجي اها سڃاڻپ وڃائي ڇڏي آهي. هاڻي ته حالت اتي وڃي پهتي آهي ته ان اداري طرفان ورتل امتحانن جا پرچا اڳواٽ آئوٽ ٿي وڃن ٿا. هن اداري جي اهڙي ئي هڪ تازي "واردات" پڻ ان جي ميرٽ واري دعويداريءَ کي پڌرو ڪري وڌي آهي. سيڪنڊري اسڪول ٽيچرز جي ڀرتين لاءِ ورتل امتحان جو پيپر آئوٽ ٿيڻ جي ڪري امتحان ڏيندڙ نوجوانن شديد احتجاج ڪندي ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ لاڙڪاڻي ۾ باهيون ڏنيون ۽ روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيا. ڪميشن انتظاميا اسسٽنٽ ڪنٽرولر، ٻن ڪمپيوٽر آپريٽرن، پنجن پٽيوالن کي معطل ڪري ڇڏيو آهي ۽ اڳ ۾ ورتل امتحان رد ڪري اپريل ۾ ٻيهر امتحان وٺڻ جو اعلان ڪيو آهي.

هونئن ته ڪرپشن سڄي ملڪ جو وڏو مسئلو آهي پر اسان وٽ ته حالت اها آهي ته سنڌ جي سرير ۾ ڪرپشن جو ڪينسر مڪمل طرح سرايت ڪري ويو آهي. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي تباهيءَ ڪانپوءِ هاڻي ته ڪوبه اهڙو ادارو ناهي، جنهن مان ميرٽ جو آسرو رکي سگهجي. اهو ئي واحد ادارو بچيو هو، جنهن ۾ به سفارش ۽ ڪرپشن ڪلچر آکيرا جوڙي ويهي رهيو آهي. ٻين سمورن ادارن وانگر هي اهم ادارو به تباهه ٿي چڪو آهي. مختلف وقتن تي ڪرپشن جي الزامن ۽ ثابتين ڪانپوءِ هن اداري جي ورتل امتحانن جا نتيجا عدالتن طرفان پڻ رد ٿيندا رهيا آهن. ڪجهه وقت اڳ پبلڪ سروس ڪميشن طرفان ميونسپل آفيسرن لاءِ امتحان ورتا ويا هئا، جيڪي نتيجا پڻ تڪراري بڻيل رهيا. هن اداري جو طريقءِ واردات اهو رهيو آهي ته جيڪا ڪامياب اميدوارن جي لسٽ جاري ڪئي ويندي آهي، انهن سان گڏ انهن جي ذات ناهي لکي ويندي ته جيئن حڪومتي اهم شخصيتن يا اهم ڪامورن سان انهن جي تعلق جي ڪا پروڙ پئجي نه سگهي. هن ڀيري به سيڪنڊري اسڪول ٽيچرز جي 2315 جاين لاءِ سوا ٽي لک اميدوارن فارم ڀرايا ۽ رڳو اها چالان في به ڏسجي ته ڪروڙن ۾ ٿئي ٿي. پر ٻئي طرف موٽ ۾ ڪميشن ميرٽ کي يقيني بڻائي نٿي سگهي. هن ڀيري به ايڏو وڏو اسڪينڊل سامهون اچڻ ڪانپوءِ ڪميشن اختيارين هڪ اسسٽنٽ ڪنٽرولر، ٻن ڪمپيوٽر آپريٽرن ۽ پنجن پٽيوالن کي معطل ڪيو آهي. جڏهن ته اها ناڪامي ۽ نااهلي ڪميشن چيئرمين ۽ ٻين اعليٰ عهديدارن جي آهي. قدم ته انهن جي خلاف کڻڻ گهرجي ۽ قانون جي پڪڙ ۾ به انهن کي آڻڻ گهرجي ها پر هميشه جيان هن ڀيري به پٽيوالن سميت ننڍن ملازمن کي قربانيءَ جو ٻڪرو بڻايو ويو آهي. پڙهندڙن کي اهو به ياد هوندو ته 2003ع ۾ سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ ڪرپشن جو ميگا اسڪينڊل سامهون آيو هو، جڏهن 54 اهل اميدوارن کي فيل ڪري فيل ٿيندڙ اميدوارن کي پاس ڄاڻايو ويو هو. ان اسڪينڊل جي جاچ ۾ ڪنٽرولر محمد عمر زنئور ۽ ايڊيشنل ڪنٽرولر اعجاز جعفري کي ملوث ڄاڻايو ويو هو پر ڇا ٿيو؟ معاملو نيب ۾ ويو ۽ نيب عدالت 18 سالن ڪانپوءِ 2021ع ۾ سمورن جوابدارن کي بري ڪري ڇڏيو. هن ڀيري به ڇا ٿيندو؟ اهو ئي جيئن اڳ ۾ ٿيندو رهيو آهي! توڙي جو سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن هڪ خود مختيار ادارو آهي پر ان جا ميمبر ۽ چيئرمين جيئن ته حڪومت طرفان مقرر ٿين ٿا ۽ اهي انهن جي ئي ايجنڊا جي تڪميل ڪندي نظر اچن ٿا ۽ ميرٽ جو جنازو ڪڍڻ ۾ وسان نٿا گهٽائين. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۾ سامهون آيل ڪرپشن جي موجوده اسڪينڊل جي عدالتي جاچ ڪرائي وڃي ۽ ذميوارن کي قانون جي گرفت ۾ آندو وڃي. هن اهم اداري ۾ مقررين جو شفاف طريقيڪار وضع ڪيو وڃي ته جيئن ميرٽ جو ڀرم رهجي سگهي ۽ اهل نوجوان چٽاڀيٽي سميت مختلف امتحانن ۾ چونڊجي اچن. اسان اها گهر ڪرڻ جي به ضرورت ٿا محسوس ڪريون ته ماتحت ننڍن ملازمن بدران چيئرمين سميت سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي مک عهديدارن کي احتساب جي دائري ۾ آندو وڃي، جيڪي ان سموري انتظام جا ذميوار آهن.

حڪومت سازيءَ جي معاهدي واري پار ڪيل ‘پلصراط‘

ايم بي سومرو

مسلم ليگ نواز ۽ پيپلز پارٽي وچ ۾ ڳالهيون ڪامياب ٿي ويون آهن ٻنهي پارٽين وچ ۾ گڏجي وفاق ۾ حڪومت ٺاهڻ ۽ پاور شيئرنگ جي معاهدي تي اتفاق ٿي ويو آهي. معاهدي تحت صدر پاڪستان جي عهدي تي پيپلز پارٽي جي آصف علي زرداري ۽ وزيراعظم جي عهدي تي مسلم ليگ (ن) جي شهباز شريف کي نامزد ڪرڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. اهڙو اعلان مسلم ليگ (ن) جي شهباز شريف، پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو پاران زرداري هائوس ۾ اڱاري ۽ اربع جي وچ واري رات جو دير سان گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو ويو آهي. مسلم ليگ (ن) ۽ پيپلز پارٽي وچ ۾ باقي آئيني عهدن جي ورهاست بابت به فيصلا ٿي چڪا آهن. جنهن جي پريس ڪانفرنس ۾ تصديق ڪندي بلاول ڀٽو چيو ته ٻين آئيني عهدن بابت اعلان بعد ۾ ڪيو ويندو. پيپلز پارٽي ۽ ن ليگ جي ذريعن ٻڌايو آهي ته ٻنهي پارٽين ۾ اهو طئه ٿيو آهي ته سينيٽ چيئرمين جو عهدو پيپلز پارٽي کي ڏنو ويندو. جڏهن ته ڊپٽي چيئرمين جو عهدو مسلم ليگ نواز کي ملندو. قومي اسيمبلي جي اسپيڪر شپ مسلم ليگ ن کي ملندي جڏهن ته ڊپٽي اسپيڪر جو عهدو پيپلز پارٽي کي ملندو. پنجاب ۽ ڪي پي ڪي صوبن ۾ گورنر جا عهدا پيپلز پارٽي کي ملندا. اٿين بلوچستان ۽ سنڌ صوبي ۾ گورنر جا عهدا مسلم ليگ نواز کي ملندا. مطلب ته هاڻي سنڌ ۾ ايم ڪيو ايم کي گورنر جو عهدو مسلم ليگ ن ڏيندي. اهو به چيو پيو وڃي ته سنڌ ۾ گورنر جو عهدو ن ليگ ايم ڪيو ايم کي ڏيڻ تي اتفاق ڪيو آهي. امڪان ظاهر ٿي رهيو آهي ته موجوده گورنر کي عهدي تي قائم رکڻ تي ويچاريو پيو وڃي. مسلم ليگ ن ۽ پيپلز پارٽي وچ ۾ مامرا طئه ٿي وڃڻ بعد اهو به امڪان ظاهر ٿي رهيو آهي ته بلوچستان صوبي ۾ وڏي وزير جو عهدو پيپلز پارٽي کي ملندو. جڏهن ته بلوچستان ۾ ن ليگ ۽ پيپلز پارٽي جي گڏيل حڪومت ٺهندي. اٿين پنجاب صوبي ۾ مريم نواز جي سربراهي ۾ صوبائي حڪومت جو قيام عمل ۾ ايندو. پيپلز پارٽي پنجاب جي وڏي وزير جي چونڊ ۾ ن ليگ جي حمايت ڪندي. اهڙي ريت آخرڪار وفاق ۾ حڪومت جي قيام اڳيان آيل ڪارا ڪڪر هٽيا آهن ۽ وفاق ۾ حڪومت سازي جو مامرو چٽو ٿي سامهون آيو آهي. اهو به صاف واضح نظر اچي رهيو آهي ته نواز شريف وزير اعظم جي عهدي تان پاڻ پوئتي هٽي شهباز شريف کي وزيراعظم جي عهدي تي نامزد ڪيو آهي. نواز شريف اهو فيصلو دل سان ڪيو هجي يا بي دليو پر وزيراعظم جي عهدي تي ڳالهيون اهي ٿي سچ ٿي ويون آهن.

چونڊن کان اڳ اهو چيو پئي ويو ته مسلم ليگ نواز مان وزير اعظم شهباز شريف ٿي ٿيندو پر اهو ضرور ٿيو آهي ته نواز شريف پاڻ کي اقتدار کان پوئتي ڪري مريم نواز کي اڳتي آڻي ان جي سياسي سفر جو آغاز ڪرڻ لاءِ رستو هموار ڪيو آهي. مگر بلاول ڀٽو زرداري هن ڀيري وزير اعظم نه ٿي سگهندو ۽ آصف علي زرداري لاءِ هڪ ڀيرو ٻيهر صدر پاڪستان ٿيڻ جو رستو صاف ٿي ويو آهي. دلچسپ صورتحال ان وقت ٿيندي. جڏهن پيپلز پارٽي وفاقي حڪومت جو حصو ٿيندي. چو ته ذريعا دعوا ڪري رهيا آهن ته صدارتي چونڊ ٿيڻ بعد پيپلز پارٽي وفاقي حڪومت ۾ شامل ٿي ويندي. ان وقت دلچسپ صورتحال ان ڪري ٿيندي جو بلاول ڀٽو کي وزير اعظم جو عهدو ته نه ملي سگهندو پر ڪيس قومي اسيمبلي ۾ اپوزيشن ليڊر جو به عهدو نه ملي سگهندو اگر پيپلز پارٽي حڪومت ۾ شامل نه به ٿي پر ايترا اهم عهدا ن ليگ کان وٺڻ بعد پيپلز پارٽي قومي اسيمبلي ۾ سخت اپوزيشن جو ڪردار ادا ڪري نه سگهندي. مطلب ته پيپلز پارٽي ان صورت ۾ نه حڪومت ۾ شمار ٿيندي. نه ئي اپوزيشن جو حصو تصور ٿي سگهندي. اسيمبلي ۾ اپوزيشن يا حڪومت وارا اهي به ڪردار هوندا آهن. انهن ٻنهي ڪردارن ڪانسواءِ پيپلز پارٽي ڪهڙو ڪردار ادا ڪندي. اهو ته پيپلز پارٽي کي معلوم هوندو پر مونکي اهو معلوم آهي ته بلاول ڀٽو وفاقي حڪومت ۾ شامل ٿيڻ جو حامي نه هو اهو ئي سبب آهي ته 20 فيبروري واري ڏينهن بلاول ڀٽو سپريم ڪورٽ جي ٻڌڻي بعد حڪومت سازي بابت صحافين جي سوالن جا جواب ڏيندي جارحاڻو رويو اختيار ڪندي چيو ته ن ليگ کي وزير اعظم جي عهدي لاءِ ووٽ پنهنجن شرطن تي ڏينداسين. ن ليگ جي شرطن تي ووٽ نه ڏينداسين. بلاول ڀٽو جي اهڙي بيان بعد صحافتي ۽ سياسي حلقن ۾ اهو تاثر عام ٿيو ته مسلم ليگ ن ۽ پيپلز پارٽي وچ ۾ حڪومت سازي بابت هلندڙ ڳالهين ۾ شديد قسم جو ديڊ لاڪ پيدا ٿي ويو آهي ۽ ڳالهيون ناڪامي جي ڪناري اچي پهتيون آهن. پيپلز پارٽي ۽ مسلم ليگ ن وچم ديڊ لاڪ جهڙي صورتحال پيدا ٿيڻ جي ڪجهه ڪلاڪن بعد اسلام آباد جي صحافين کي اهي اطلاع مليا ته هڪ اهم شخصيت جي گهر پيپلز پارٽي ۽ ن ليگ قيادت وچ ۾ ملاقات ٿي آهي. اهڙي ملاقات جي ٻنهي پارٽين پاران ڪا به تصديق نه ڪئي وئي آهي پر سياست تي گهري نظر رکندڙن جو خيال آهي ته ٻنهي پارٽين وچ ۾ پيدا ٿيل ديڊ لاڪ کي ترت حل ڪرائڻ ۾ ان ملاقات ڪارائتو ڪردار ادا ڪيو. شهباز شريف ان بعد پنهنجي ڀاءُ ميان نواز شريف وٽ ڪوهه مري پهچي ڪيس پيپلز پارٽي سان ٿيل ڳالهين جي تفصيلن کان آگاهه ڪيو.

شهباز شريف جي مري کان واپسي بعد پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو ۽ شهباز شريف جي قيادت ۾ ٻنهي پارٽين جي اڳواڻن جو وري اجلاس ٿيو. ان اجلاس جي مريم اورنگزيب تصديق ڪئي پر ملاقات بعد جڏهن بلاول ڀٽو پاران زرداري هائوس تي هنگامي پريس ڪانفرنس ڪرڻ جو دعوت نامو آيو ته صحافي اهو تاثر وٺڻ لڳا ته پيپلز پارٽي جو اڪيلي سر پريس ڪانفرنس ڪرڻ جو مطلب ڳالهيون ناڪام ٿيڻ آهي. پر جڏهن اڱاري ۽ اربع جي وچ واري رات 12 وڳي ڌاري صحافي زرداري هائوس پهتا ته کين معلوم ٿيو ته شهباز شريف به ن ليگ جي وفد سان گڏ زرداري هائوس گڏيل پريس ڪانفرنس لاءِ پهچي چڪو آهي. اٿين اڳوڻي صدر آصف زرداري، اڳوڻي وزيراعظم شهباز شريف، پيپلز پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري گڏيل پريس ڪانفرنس ڪئي. ان پريس ڪانفرنس ۾ ٽنهي اڳواڻن جي ڳالهه ٻولهه جا تفصيل هت ڏيڻ سان مضمون ڊگهو ٿي ويندو. ان ڪري انهن جي گفتگو جا تفصيل ڏيڻ بجاءِ اوهان کي ٻڌايان ته اڳوڻو صدر آصف زرداري هجي يا شهباز شريف يا بلاول ڀٽو هجي، انهن جي چهري مان خوشيءَ جا تاثر گم هئا. مذاڪرات ڪامياب ٿيڻ تي ته انهن جا چهرا ٻهڪڻ گهرجن ها پر لڳي ٿو ته کين معلوم آهي ته حڪومت ڪا ڪارڪردگي ڏيکارڻ ايڏو آسان ڪم نه آهي. کين اهو به معلوم آهي ته مهانگائي عام ماڻهن کي ڪيئن گهائي ۽ پيڙي ڇڏيو آهي. وڌيڪ مهانگائي انهن جي برداشت کان مٿي هوندي پر حڪومت ۾ ڪير به اچي. آءِ ايم ايف سان معاهدو ڪرڻو پوندو اگر آءِ ايم سان معاهدو ٿيو ته مهانگائي وڌندي. اهو ئي سبب آهي ته هن ڀيري ڪو به حڪومت ۾ شامل نٿو ٿيڻ گهري. هر چونڊ وڙهندڙ پارٽي جي خواهش هوندي آهي ته اها حڪومت ٺاهي يا حڪومت جو حصو رهي پر هن ڀيري ڪا به پارٽي حڪومت ۾ شامل نه ٿي رهي آهي. ڪين حڪومت ٺاهڻ لاءِ اپلاءِ ڪيا پيا وڃن. سوال هي آهي ته ان نموني سان قائم ٿيندڙ حڪومت ڪيترو وقت ڪڍي سگهندي؟ سوال هي به آهي ته جيڪي پارٽيون حڪومت سازي لاءِ ڳالهه ٻولهه ۾ ئي ديڊ لاڪ جي صورتحال ۾ ڦاسي پون. اهي حڪومتي ڏکيا مرحلا ڪيئن طئه ڪنديون؟

خير، هاڻي حڪومت قائم ٿيڻ وڃي رهي آهي. قائم ٿيندڙ حڪومت کي هن ڀيري سخت ۽ جارحاڻي انداز واري اپوزيشن کي منهن ڏيڻو پوندو. ڏسجي ته حڪمران اتحاد ۽ قومي اسيمبلي ۾ اپوزيشن جي ميمبرن جي تعداد ۾ ٿورو فرق آهي. وڏي تعداد واري اپوزيشن هر اشو تي حڪومت جون وايون بتال ڪري سگهي ٿي. ان ڪري هن اسيمبلي ۾ گوڙ ۽ احتجاج شايد معمول ٿي وڃي. چو ته پي ٽي آءِ به ڪجهه سوچي سمجهي مخالف ڌر ۾ ويٺي آهي. اوهان کي ٻڌايان ته قومي اسيمبلي جي پهرئين اجلاس ۾ ته ميمبر حلف کڻندا. قومي اسيمبلي جو پهريون اجلاس شايد 29 فيبروري يا ان کان اڳ طلب ٿي وڃي. پهرئين اجلاس جي ٻئي ڏينهن تي اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊ ٿيندي. اسپيڪر جي عهدي تي چونڊ واري ڏينهن کان ٻئي ڏينهن تي وزير اعظم جي عهدي تي چونڊ ٿيندي. ان بعد ڪابينا ٻئي ڏينهن تي به حلف کڻي سگهي ٿي. ڪابينا جي چونڊ بعد پاڪستان ۾ چونڊ جو سلسلو ختم نه ٿيندو ان بعد صدارتي عهدي تي چونڊ ٿيندي. صدر جي عهدي تي چونڊ بعد سينيٽ جي اڌ ايوان جي خالي پيل سيٽن تي چونڊ ٿيندي. ان بعد سينيٽ چيئرمين، ڊپٽي چيئرمين جي عهدي تي چونڊ ٿيندي. شايد انهيءَ چونڊ کان به اڳ قومي اسيمبلي ۽ چئني صوبائي اسيمبلين جي خالي ٿيندڙ سيٽن تي به چونڊ ٿي وڃي. ان ڪري اچان ڪجهه وقت چونڊ مٿان چونڊ جي صورتحال چانيل نظر ايندي. انهن چونڊن دوران ملڪ جو سياسي منظرنامو وڌيڪ ڪشيدگي وارو به ٿي سگهي ٿو ته ملڪ جي سياسي منظرنامي ۾ ڪجهه تبديلي به نظر اچي سگهي ٿي، پوءِ اها تبديلي مثبت يا منفي به ٿي سگهي ٿي.

توُن حبيبُ، تون طبيبُ، تون دارُون کي دَردَنِ؛
تون ڏِئين، تون لاهِئين، ڏاتَرا! کي ڏُکندَنِ؛
تڏهين ڦَڪِيُون فَرَقُ ڪن، جڏهين اَمُرُ ڪريو اُنِ کي.

اڏيرولال جي تعليمي نظام کي بچائڻ جي ضرورت

تحرير: شهزاد سڪندر ساهووال

هونئن ته سڄي اڏيرولال اسٽيشن ۽ ان جي ڀرپاسي وارن علائقن جي تعليمي نظام جو بيڙو ٻڏل آهي، ڪٿي اسڪولي بلڊنگ آهي ته استاد ناهن، ڪٿي استاد آهن ته اسڪولي بلڊنگن جي حالت خراب آهي، فرنيچر، باٿ روم ۽ پيئڻ جي پاڻي وارين سهولت نه هجڻ ڪري شاگرد سخت پريشاني ۽ مايوسيءَ جو شڪار آهن. سماج سڌارڪ ماڻهن ۽ تعليم دوست ڌرين جي احتجاجن ڪان پوءِ حڪومتي لاڳاپيل ڌرين جي تعليم جي سڌاري ۽ واڌاري وارين دعوائن جي باوجود تعليمي نظام درست ناهي ٿي سگهيو اڄ سون جي تعداد ۾ ٻار اسڪول اچن ٿا نٿا، ڄڻ ته انهن ٻارڙن جي والدين جو تعليم واري پاسي کان ارواح ٿي ڪڇي ويو هجي، هتي بار بار پ پ جي اميدوار جي کٽڻ جي باوجود انهن به تعليم جي سڌاري طرف ڪو خاص توجهه ناهي ڏنو جنهن ڪري ٻارڙا تعليم جهڙي نعمت کان محروم آهن.

اٿون هتي ڳالهه ڪندس اوڏيرولال ويجهو يونين ڪائونسل پاٿو خان پنهڻ جي ڳوٺ علو پليجو جي گرلز پرائمري اسڪول جي ته ان اسڪول جي بلڊنگ کي ٺهڻ کان وٺي تعليم کاتي اٿين نندڻڪر ڪري ڇڏيو آهي جو اهو مال جي واڙي ۾ تبديل ٿي ويو آهي. ضلعي مٽياري جي تعليم کاتي جي بي ڌياني سبب ان اسڪول ۾ مينهون ٻڌل نظر اچن ٿيون. هي اسڪول فنڪشنل نه ٿيڻ ڪري هتي جي معصوم سوين نياڻيون تعليم جهڙي زيور کان مڪمل طور تي محروم بڻجي ويون آهن. ڳوٺاڻن ۽ علائقي واسين پاران لاڳاپيل اختيارين کي بار بار درخواستون ڏئي شڪايت ڪرڻ جي باوجود تعليم کاتي هن اسڪول ڏانهن ڌيان ناهي ڏنو جنهن ڪري هي اسڪول هن وقت مقامي بااثر ماڻهن جي قبضي هيٺ آهي ۽ ان ۾ جانور ڪي ٻڌو پيو وڃي.

ان سلسلي ۾ علائقي جا سماج سڌارڪ ماڻهو ڳڻتي ۾ گهيريل آهن. ڳوٺ جي سماج سڌارڪ اڳواڻن عبدالرشيد ۽ فضل باريجو پنهنجا ويچار ونڊيندي ٻڌايو ته نياڻين جي تعليم لاءِ جاتائيل اسڪول جيئن ٺهيو آهي، تڏهن کان ئي هن اسڪول ۾ نه فرنيچر ڏنو ويو ۽ نه ئي اسڪول ۾ استاد مقرر ٿي سگهيا آهن. اسڪول جي بلڊنگ ٺهڻ کي پوءِ ڪافي سالن کان بند هجڻ سبب بلڊنگ هاڻي زبون حالت ۾ هلي وئي آهي، مالڪي نه ٿيڻ ڪري علائقي جي بااثرن هن اسڪول جي بلڊنگ تي قبضو ڪري ورتو آهي، اسڪول جي ڪمرن ۾ ڀ رکيو ويو آهي ۽ اسڪول جي اڱر ۾ جانور ٻڌي هن اسڪول کي مال جي واڙي ۾ تبديل ڪيو ويو آهي، جنهن سبب سوين نياڻين جي تعليم داءُ تي لڳي چڪي آهي. ڳوٺاڻن ان سلسلي ۾ بار بار تعليم کاتي مٽياري کي شڪايتون ڪيون آهن پر تاحال اسڪول چالو نه ٿي سگهيو آهي ۽ اسڪول هن وقت واڙي ۾ تبديل ٿي چڪو آهي.

ساڳئي يونين ڪائونسل پاٿو خان پنهڻ جي ڳوٺ محب پليجو جو مڊل پرائمري اسڪول پڻ 10 سالن کان بند پيل آهي، جنهن ڪري ڳوٺ محب پليجو جي سوين ٻارڙن جي تعليم پڻ داءُ تي لڳي چڪي آهي. تعليم کاتي جي اهڙي تعليم دشمن رويي سبب هتان جي ڳوٺن جي تعليم تباهه ٿي چڪي آهي، ڳوٺاڻن ۽ سماج سڌارڪ ماڻهن جي وڏين ڪوششن باوجود به تعليم جي نظام کي بهتر نٿو ڪيو وڃي، جنهن ڪري نئون نسل تعليم جهڙي نعمت کان محروم رهجي اونداهي واري دور ڏانهن ڌڪجي رهيو آهي، جنهن تي تعليم دوست ڌرين ۽ سماج سڌارڪن ۾ مايوسي پکڙيل آهي.

جهولي لال ڊگري ڪاليج اوڏيرولال اسٽيشن جو هلندڙ ڪم به اڌ ۾ بند ٿي ويو آهي، ٺيڪيدار ڪاليج لاءِ آيل مٽيريل رات پيٽ ۾ واپس کڻائي رهيو آهي. ڪجهه وقت اڳ ڪروڙين روپين جي ماليت سان ڊگري ڪاليج جي عمارت ٺهڻ شروع ٿي هئي، چند مهينا ڪاليج جو ڪم هلندي هلندي ٺيڪيدار ڪم کي پيسا نه ملڻ جو جواز ڄاڻائي بند ڪري ڇڏيو ۽ رات پيٽ ۾ ڪاليج جي اڏاوت لاءِ پيل لوهه، ريتي، پٿر ۽ ڪرش ڪٿي ٻئي پاسي منتقل ڪرائي رهيو آهي، جنهن تي علائقي واسين سخت احتجاج ڪيو

تعلقي مٽياري ۾ تعليم کاتي جي بي ڌياني ۽ لاپرواهي سبب ڪيترا ئي اهڙا به اسڪول آهن، جيڪي هن وقت به ڪوڙ سارن مسئلن ۾ وڪوڙيل آهن، جڏهن ته ڪيترائي اسڪول اهڙا به آهن، جتي فرنيچر سميت استادن جي شديد کوٽ برقرار آهي، اسڪولن ۾ بنيادي سهولتون نه هجڻ سبب ان جا اثر هتان جي غريب شاگردن تي پئجي رهيا آهن، غربت هجڻ سبب هتان جو شاگرد پرائيويٽ تعليم نٿو پرائي سگهي، تنهن ڪري تعليم کاتي کي فوري طور تي هتان جي ڳوٺن جي تعليمي نظام ڏانهن ڌيان ڏئي تعليم جي ٻڏندڙ ٻيڙي کي بچائڻ لاءِ سنجيدگي سان ڪم ڪرڻ گهرجي جيئن اڏيرو لال اسٽيشن ۽ ان جي ڀرپاسي وارن علائقن جو نوجوان نسل تعليم پرائي علائقي جي خدمت ڪري سگهي، بند پيل اسڪولن کي جلد کوليو وڃي، انهن ۾ بنيادي سهولت فراهم ڪيو وڃن، جيتوڻيڪ مٽياري ۾ تعليم جي سڌاري ۽ واڌاري لاءِ هر مهيني بجيٽ جاري ٿئي ٿي، پر اها ڪاغذن ۾ خرچ ٿي وڃي ٿي، تنهن ڪري هتان جي اسڪولن لاءِ ايندڙ فنڊن ۾ ٿيندڙ ڪرپشن جي جاچ ڪرائي ڪرپشن ۾ ملوث تعليم دشمن عنصرن کي سوگهو ڪري سخت سزا ڏني.

بقايا *** 01

فاروق ستار ۽ مصطفيٰ ڪمال پڻ موجود هئا. ملاقات ۾ سنڌ جي گورنر ۽ متحده قومي موومينٽ جي اڳواڻن نگران وزيراعظم جي قيادت ۾ نگران حڪومت جي ملڪ جي معاشي استحڪام جي لاءِ قدمن تي نگران وزيراعظم کي خراج تحسين پيش ڪيو.

بقايا *** 02

کان پوءِ مسلسل ٻيو اليڪشن تڪراري هجي ته پارليامينٽ جي ڇا اهميت هوندي. هن چيو ته 2018ع جي چونڊن ڪانپوءِ يقين ٿي ويو هو ته 2024ع جون چونڊون شفاف ٿينديون. جي يو آءِ سربراهه وڌيڪ چيو ته پارليامينٽ اسان جي ملڪ جو اعليٰ ادارو آهي.

بقايا *** 03

لائيف جي ٽريل فائيو ٽريڪ 6 سميت ٽئي آفيسون واپس ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيون. سپريم ڪورٽ ۾ اسلام آباد جي نيشنل پارڪ ايريا ۾ وفاقي ترقياتي اداري سي ڊي اي ۽ وائلڊ لائيف بورڊ وچ ۾ تڪرار بابت ڪيس تي چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ جي سربراهي ۾ ٽي رڪني بئنچ ڪيس ٻڌڻي ڪئي. ٻڌڻي دوران وائلڊ لائيف بورڊ جي وڪيل عمر اعجاز عدالت کي ٻڌايو ته سي ڊي اي وائلڊ لائيف کان مارگلا هلز ۾ ٽي جايون ورتيون آهن. سي ڊي اي خلاف ناهيون آيا پر چاهيون ٿا ته گڏجي ڪم ڪيون ۽ هڪٻئي جي رستي ۾ رنڊڪ نه وجهون. چيف جسٽس چيو ته آئين کوليو سڀ کان پهرين ڇا لکيل آهي؟ سي ڊي اي جي وڪيل جواب ڏنو ته آئين جي شروعات ۾ لکيل آهي ته حاڪميت اعليٰ الله وٽ آهي. چيف جسٽس قاضي فائز عيسيٰ ريمارڪس ڏيندي چيو ته مارگلا نيشنل پارڪ به ان ۾ ئي اچي ٿو انسان لاءِ قرآن پاڪ ۾ خليفه في الارض جو لفظ استعمال ڪيو ويو حضور پاڪ صه جن آخري نبي، رحمت اللعالمين ۽ هدايت جو سرچشمو آهن. اسان انسانن کي جانورن، پکي پکڻ جو خيال رکڻو آهي، ڪا به زمين ڪنهن جي ناهي، حاڪميت رڳو الله جي آهي جيڪو آئين ۾ لکيل آهي. ٻڌڻي دوران معراج واري واقعي جو ذڪر ڪندي چيف جسٽس چيو ته سڀني نبين ۽ پيغمبرن پاڻ سڳورن صه جي پٺيان نماز پڙهي، حضور پاڪ صه ڪانپوءِ معاملو ختم، هاڻي اسان کي ان کان رهنمائي وٺڻي آهي. هو هدايت جو سرچشمو آهي. سپريم ڪورٽ نيشنل پارڪ ايريا ۾ سي ڊي اي ۽ وائلڊ لائيف بورڊ وچ ۾ تڪرار تي سي ڊي اي کي وائلڊ لائيف جي ٽريل فائيو ٽريل 6 سميت ٽئي آفيسون واپس ڪرڻ جو حڪم ڏيندي ڪيس جي ٻڌڻي 11 مارچ تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا *** 04

گورننس هجي، جنهن ملڪ ۾ جمهوريت نه هوندي آهي اتي عالمي ادارا ڪم نه ڪندا آهن. هن چيو ته پاڪستان ۾ سموري دنيا ڏٺو ته ماڻهن جو ووٽ چوري ٿيو چوري جي مينڊيٽ تي جمهوريت نٿي هلي سگهي. جڏهن فنڊنگ ڏيندڙ ادارا ڏسندا آهن ته جمهوريت نه آهي ته اهي قرض نه ڏيندا آهن. هن چيو ته اسان جو خط آءِ ايم ايف ڏانهن ويندو، جيڪڏهن آءِ ايم ايف وفد کي ڪا ڳالهه ٻولهه ڪرڻي آهي ته سڀني کان پهريان چونڊن ۾ ڌانڌلي جي آڊٽ ڪرائي جنهن به هنڌ تي آڊٽ ۾ ڌانڌلي ثابت ٿئي ان کي ختم ڪيو وڃي ان کان پوءِ آءِ ايم ايف ڳالهيون ڪري. هن چيو ته آءِ ايم ايف سان جيڪو به معاهدو ٿيندو اهو اسان ڌانڌلي جي خلاف آڊٽ سان جوڙي ڇڏيو آهي. اسان اڳ به آءِ ايم ايف کي چيو هو ته فري اينڊ فيئر چونڊون ٿين. ٻئي پاسي پي ٽي آءِ باني عمران خان طرفان چونڊ نتيجن خلاف آءِ ايم ايف کي خط لکڻ واري معاملي تي ن ليگ اڳواڻ عطاءُ الله تارڙ چيو آهي ته آءِ ايم ايف کي خط لکڻ جو مقصد پرڏيهي مداخلت کي شامل ڪرڻ آهي. خانگي ٽي وي چئنل سان ڳالهائيندي عطاءَ تارڙ چيو ته هڪ قيدي جي حيثيت سان اوهان آءِ ايم ايف کي خط لکندئو؟ سندس غليظ مقصدن خلاف ڪاروائي ٿيڻ گهرجي، آءِ ايم ايف کي خط لکڻ جو مقصد پرڏيهي مداخلت کي شامل ڪرڻ آهي. هن چيو ته ڪي پي ۽ بلوچستان ۾ جيڪي سيٽون مليون اُتي ڌانڌلي ناهي ٿي، ملڪ جي معيشت کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، هي ماڻهو ملڪ ۾ جمهوريت کي ڊي ريل ڪرڻ چاهن ٿا. هنن پهريان به آءِ ايم ايف کي خط لکڻ جي ڪوشش ڪئي. ن ليگ اڳواڻ چيو ته انهن ماڻهن کي ڪجهه سيٽن تي ڪاميابي ملي، اهي ملڪ ۾ وگوڙ چاهين ٿا، ملڪ ۾ ڏڦيڙن جي اجازت نه ڏني ويندي. اسان کي ملڪ جي معيشت بهتر ڪري بيروزگاري ختم ڪرڻي آهي.

بقايا *** 05

سولنگي چيو آهي ته پاڪستان هڪ پرامن ملڪ آهي جتي قانون جي حڪمراني آهي، ملڪ ۾ لاقانونيت ۽ انارڪي پکيڙڻ نه ڏني ويندي. ڪجهه ماڻهو سوشل ميڊيا پليٽ فارمز کي تشدد تي اڪسائڻ جي لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن. پاڪستان ڪنهن به صورت ۾ ان ڳالهه جي اجازت نه ڏيندو ته سوشل ميڊيا پليٽ فارمز پاڪستان ۾ بي بنياد، ڪوڙي ۽ هٽ ڌرمي پروپيگنڊه پکيڙين. انهن پليٽ فارمز پاران ان عمل کي نه روڪيو ويو ته رياست کي سخت قدم کڻڻا پوندا. وزيراعظم جي مذهبي هم آهنگي واري خصوصي نمائندي حافظ طاهر اشرفي سان گڏ پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي اطلاعات ۽ پارليامانی معاملن واري نگران وفاقي وزير چيو ته آئين جي آرٽيڪل 19 تحت اظهار راءِ جي آزادي لامحدود نه آهي پر قانون جي تابع آهي، ان تحت عدليه، هٿياربند فوج ۽ ٻاهر ملڪن جي خلاف توهين آميز ڳالهه ٻولهه جي اجازت نه آهي. هن چيو ته ڪجهه ماڻهو سوشل ميڊيا پليٽ فارمز کي تشدد تي اڪسائڻ جي لاءِ استعمال ڪري رهيا آهن جيڪا قانون جي خلاف سرگرمي آهي، حڪومت اهڙي غيرقانوني سرگرمين جي خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪندي. نگران وفاقي وزير چيو ته سوشل ميڊيا پليٽ فارم ان ذميواري کان اڃا نٿا ٿي وڃن ته انهن جا پليٽ فارمز ڪنهن ملڪ جي اندر امن امان کي خراب ڪرڻ ۽ ماڻهن کي تشدد تي اڪسائڻ ۽ نفرت انگيزي جي لاءِ استعمال ٿين. سوشل ميڊيا پليٽ فارمز ايڪس (اڳوڻي ٽوئيٽر)، يوٽيوب، فيس بڪ کي پروپيگنڊه، ڪوڙ، سرڪاري آفيسرن جي ڪردارڪشيءَ ۽ هراسان ڪرڻ جي لاءِ مسلسل استعمال ڪيو ويندو رهيو آهي. لاڳاپيل ڪمپنين کي ان عمل کي ڪنٽرول ڪرڻو پوندو. هن چيو ته پاڪستان ڪنهن به صورت ۾ ان ڳالهه جي اجازت نه ڏيندو ته اهي پليٽ فارمز پاڪستان ۾ بي بنياد، ڪوڙي ۽ هٽ ڌرمي پروپيگنڊه پکيڙين. انهن پليٽ فارمز پاران ان عمل کي نه روڪيو ويو ته رياست کي سخت قدم کڻڻا پوندا. اطلاعات ۽ پارليامانی معاملن واري نگران وفاقي وزير چيو ته عدليه جي ڪنهن به فيصلي جي خلاف قانوني نظرثاني جا ذريعا موجود آهن. ڪنهن کي شڪايت آهي ته ان جي لاءِ نظرثاني جي درخواست ڏئي سگهجي ٿي. هن چيو ته ڪنهن کي به قانون کي هٿ ۾ کڻڻ ۽ ملڪي امن کي تباهه ڪرڻ جي اجازت نه ڏني ويندي. پاڪستان هڪ پرامن ملڪ آهي جتي قانون جي حڪمراني آهي، ملڪ ۾ لاقانونيت ۽ انارڪي ڦهلائڻ نه ڏني ويندي. هن چيو ته اسان پاڪستان ۾ رهندڙ سمورن غيرملڪين کي يقين ڏياريون ٿا ته اهي محفوظ آهن ۽ انهن جي سلامتي کي پاڪستان حڪومت يقيني بڻائيندي.

بقايا *** 06

وڏو اهو انهي شادي مان خوش نه آهي، جي يو آءِ جو پيغام چٽو آهي اسان في الحال پارليامينٽ وينداسين پارليامينٽ ۾ اپوزيشن ڪردار ادا ڪنداسين ۽ ٻاهر به سسٽم جي خلاف تحريڪ هلائينداسين. هن چيو ته معاهدو اهو ٿيو هو ته بيروزگاري ۽ مهانگائي جو خاتمو ڪنداسين پر اتي بدقسمتي سان اقتدار ۽ ڪرسين جي ورهاست جي ڳالهه ڪئي پئي وڃي. پيپلز پارٽي ۽ (ن) ليگ پاور شيئرنگ ڪئي جنهن ۾ عوام جي لاءِ ڪو لفظ نه هو. هن چيو ته اسان جي پارٽي اهڙي قسم جي حڪومت جو حصو نه بڻجندي، جيڪا حڪومت انهن ناهي آهي اها صرف اقتدار جي لاءِ آهي، قوم جي ترقي لاءِ نه آهي. ٻئي وڏيون پارٽيون ڪالهه اقتدار ۾ نه هيون ته چونڊون هيون ته ڌانڌلي ٿي، اڄ اقتدار ۾ وڃي رهيون آهن ته چون ٿيون ته ٿي آهي، سياسي ۽ معاشي استحڪام جي لاءِ شفاف چونڊن جو ٿيڻ ضروري هو حافظ حمدالله وڌيڪ چيو ته چونڊن کان اڳ اسان جيڪو ٻڌي رهيا هئاسين چونڊن ۾ اهو ئي ٿيو صاف ۽ شفاف چونڊون ٿيون ٿي ته آهن لاءِ اسان تحريڪ هلائينداسين.

بقايا *** 07

نقوي الوداعي ملاقات ڪئي. وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ پاران جاري بيان موجب ملاقات ۾ پنجاب جي نگران وڏي وزير نگران وزيراعظم جي قيادت ۾ ملڪ ۾ معاشي استحڪام جي لاءِ کنيل حڪومتي قدمن جي ڪيس خراج تحسين پيش ڪيو وزيراعظم پنجاب جي نگران وڏي وزير جي ان ڳوٺ مدي ۾ پنجاب جي هر شعبي خاص طور تي صحت، تعليم ۽ مواصلاتي ڍانچي جي ترقي جي لاءِ قدمن کي ساراهيو.

بقايا *** 08

پنهنجي عهدي جو حلف کڻندا. اسيمبلي جو اجلاس صبح جو 11 وڳي ٿيندو جنهن ۾ اسپيڪر اسيمبلي ميمبران کان حلف وٺندو. اسيمبلي جو اجلاس طلب ڪرڻ جي لاءِ سمري گورنر ڏانهن اماڻي وئي آهي. نون چونڊيل ميمبرن جي حلف برداري کان پوءِ اسپيڪر نشين اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊ جو شيڊول جاري ڪندو. ڪاغذ فائنل ٿيڻ جي هڪ ڏينهن جي وقفي کان پوءِ چونڊ ڪئي ويندي. اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊ ٿيڻ کان پوءِ نئون چونڊيل اسپيڪر وڏي وزير جي چونڊ جو شيڊول جاري ڪندو.

بقايا *** 09

انهن جا ٿورا مڃيندي چيو آهي ته منهنجي لاءِ پاڪستان ئي سڀ ڪجهه آهي. اسان کي پنهنجي گهر پاڪستان کي خوشحال ۽ مستحڪم بڻائڻو آهي. پاڪستان جي عوام ۾ بي پناهه صلاحيت آهي. نگران وفاقي ڪابينا جي اجلاس ۾ ڳالهائيندي نگران وزيراعظم انوارالحق ڪاڪڙ وفاقي ڪابينا ۽ عملي جي ڀرپور معاونت جي ساراهه ڪئي. ڪابينا جي سمورن ساٿين جي لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪندي چيو ته وزيراعظم آفيس ۽ هائوس جي سمورن آفيسرن ۽ اسٽاف جي تعاون جو ٿورائتو آهيان. پرنسپل سيڪريٽري، ڊي ايم ايس ۽ ٻئي مددگار اسٽاف جون خدمتون ساراهه جوڳيون آهن. وزيراعظم آفيس ۽ وزارتن جي وچ ۾ ويجهي هم آهنگي ۾ پرنسپل سيڪريٽري جو ڪردار انتهائي اهم رهيو. ڪابينا سيڪريٽري جنهن انداز ۾ ذميواريون سرانجام ڏنيون ان تي هو خراج تحسين جو مستحق آهي. ملٽري سيڪريٽري بهترين پيشيوارانه انداز ۾ پنهنجون ذميواريون ادا ڪيون. هن چيو ته ڪابينا سيڪريٽري ۽ ٻين قابل بيوروڪريٽس جي موجودگي اسان جي لاءِ فخر جوڳو آهي. هن چيو ته آئون خوش قسمت آهيان انهن کي ملڪ جي خدمت جو موقعو مليو مون کي پاڪستان سان محبت آهي. هن چيو ته اسان پاڪستان کي عالمي دنيا ۾ نمايان مقام ڏيارڻو آهي، پاڪستان بابا بلهي شاهه، شاهه عبداللطيف، خوشحال خان جي ڌرتي آهي. پاڪستان مختلف تهذيبن ۽ ثقافتن جو مرڪز آهي جنهن جي پنهنجي منفرد سڃاڻپ آهي.

بقايا *** 10

پئڪيج جي منظوري ڏئي ڇڏي. يوٽيلٽي اسٽورن تي 7 ارب 49 ڪروڙ رپين کان وڌيڪ جو رمضان پئڪيج ڏنو ويندو، رمضان رليف پئڪيج چار مارچ کان شروع ٿيندو. ٽارگيٽيڊ سبسڊي ذريعي 19 بنيادي شين تي رعايت ڏني ويندي. وفاقي ڪابينا مختلف ادارن جي نئين سر تنظيم، پرڏيهي سيڙپڪاري کي هٿي ۽ ڪاروبار کي سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ نگران حڪومت جي قدمن اطمينان جو اظهار ڪيو. ڪابينا چيف آف آرمي اسٽاف جنرل عاصم منير کي پاڪستان ۽ ترڪي جي هٿياربند فوج ۾ سهڪار تي ترڪش آرمڊ فورسز ليجئن آف ميرٽ ايوارڊ وصول ڪرڻ جي اجازت جي منظور پڻ ڏني. وفاقي ڪابينا، اقتصادي رابطا ڪميٽي جي فيصلن جي منظوري ڏني. نگران وزيراعظم مختصر عرصي دوران پنهنجي ڪابينا ۽ عملدارن جي ڪوشش جي واکاڻ ڪندي سندن ٿورا مڃيا. سندس چوڻ هو ته هو ملڪي معيشت کي اڳ کان بهتر حالت ۾ ڇڏي وڃي رهيا آهن. چونڊيل حڪومت لاءِ اهڙي حڪمت عملي ڏئي پيا وڃن جيڪا يقيني طور عوام ۽ قومي مفاد لاءِ لاڀائتي ثابت ٿيندي. نگران وزيراعظم چيو ته پاڪستاني عوامي ۾ تمام گهڻيون صلاحيتون موجود آهن.

بقايا *** 11

وڳي ٿيندو اجلاس ۾ نوان چونڊيل اسيمبلي ميمبر حلف کڻندا. پنجاب اسيمبلي جو اسپيڪر ميمبرن کان حلف وٺندو. نون چونڊيل ميمبرن جي حلف برداري کان پوءِ اسپيڪر نشين اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊ جو شيڊول ڏيندو. ڪاغذ فائنل ٿيڻ جي هڪ ڏينهن جي وقفي کان پوءِ چونڊ ٿيندي. اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊجڻ کان پوءِ نئون چونڊيل اسپيڪر وڏي وزير جي چونڊ جو شيڊول جاري ڪندو.

بقايا *** 12

چيو ته مان هڪ سياسي پارٽي جي ورغلائڻ تي پنهنجو بيان ڏنو، منهنجو بيان غير ذميوارانو عمل ۽ غلط بياني هئي. منهن تي ڏاڍو شرمسار آهيان ۽ قوم کان معافي گهران ٿو منهنجي بيان ۾ هن چيو ته نو مارچ تي رٽائر ٿي رهيو هئس. هڪ سياسي جماعت جي عهديدار جي چوڻ تي اهڙو بيان ڏنو، اهو عهديدار نو مئي وارن واقعن ۾ ملوث هجڻ سبب روپوش ٿي ويو هو. ان عهديدار جي گهجي مدد به ڪندو هئس. 11 فيبروري تي گهجي نمونو لاهور وڃي ان سان ملاقات به ڪئي، لياقت علي چٺا موجب، اڳواڻ مون کي چونڊن ۾ ڌانڌلي ثابت ڪرڻ واري منصوبي تي ڪم ڪرڻ جو چيو جنهن جي عيوض مستقبل ۾ اعليٰ عهدي جو واعدو ڪيو ويو. پهرين مون کيس صلاح ڏني ته مان استعيفيٰ ڏيان جنهن ۾ ڌانڌلي جو الزام لڳائڻ جي ڳالهه شامل هجي. پر اڳوڻي ڪمشنر جو اثر نه ٿيڻ جي صورت ۾ جذباتي ڊرامي سان ڀرپور پريس ڪانفرنس جو فيصلو ڪيو اڳوڻي ڪمشنر جو چوڻ هو ته ان سياسي اڳواڻ موجب. منصوبي کي سياسي جماعت جي اعليٰ قيادت جي ڀرپور حمايت حاصل هئي. ان سياسي اڳواڻ موجب، اعليٰ قيادت جي هدايت تي پلان ترتيب ڏنو ويو چيف جسٽس جو نالو ڄاڻي واڻي شامل ڪيو ويو چونڊن جو مقصد عوام کي ڇڙ ڏيارڻ هو پي ايس ايل جي پريس ڪانفرنس جو بهانو بڻائي ڀرپور ڊرامو ڪيو. پلان موجب آپگهات ڪرڻ جي تنگي ڪرڻ جهڙيون ڳالهيون ڪيون. اڳوڻي ڪمشنر پنهنجي بيان ۾ وڌيڪ چيو ته مون کي ڪڏهن اليڪشن ڪميشن ڪيس سميت ڪنهن به ڌانڌلي جون هدايتون نه ڏنيون. ڪو به آرآو ڪنهن فارم ۾ ڌانڌلي نه هو پنهنجي ڪيل عمل تي شرمسار آهيان، پوري قوم خاص طور سمورن سرڪاري ملازمن کان معافي وٺان ٿو.

بقايا *** 13

۾ ذريعن جو چوڻ آهي ته گرفتار ڪيل جوابدار عبدالواسع راولپنڊي جو رهواسي آهي، جوابدار سوشل ميڊيا جي پليٽ فارم ايڪس تي چيف جسٽس کي ڌمڪيون ڏنيون ۽ سندس ڪردار ڪشي ڪئي. ذريعن موجب قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جوابدار عبدالواسع کي گرفتار ڪري ورتو آهي. ذريعن موجب چيف جسٽس خلاف سوشل ميڊيا تي مهم هلائيندڙ ٻين ڪردارن جي نشاندهي جو عمل به جاري آهي، مهم ۾ ملوث ٻين جوابدارن کي به گرفتار ڪيو ويندو.

بقايا *** 14

انڪار ڪري ڇڏيو آهي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ۾ پي ٽي آءِ باني جي گهر واري بشريٰ بي بي کي اڏيالا جيل منتقلي جي درخواست تي ٻڌڻي ٿي. جيل انتظاميه بشريٰ بي بي کي جيل منتقل ڪرڻ جو انڪار ڪري ڇڏيو اڏيالا جيل جي سپرنٽينڊنٽ پنهنجي رپورٽ عدالت ۾ جمع ڪرائي ڇڏي آهي. رپورٽ ۾ چيو ويو آهي ته سيڪيورٽي سببن جي ڪري بشريٰ بي بي کي جيل منتقل نٿا ڪري سگهون. جيل ۾ اڳ ئي گنجائش گهٽ آهي ۽ 250 عورت قيدي موجود آهن. چيف ڪمشنر اسلام آباد ان سلسلي ۾ پنهنجو جواب جمع نه ڪرايو سرڪاري وڪيل جواب ڏيڻ جي لاءِ وقت ڏيڻ جي استدعا ڪئي. جنهن کي عدالت منظور ڪندي ٻڌڻي 2 هفتن تائين ملتوي ڪري ڇڏي. ياد رهي ته توشه خانه ڪيس ۾ سزا ماڻيندڙ بشريٰ بي بي سب جيل قرار ڏنل بني گالا کان اڏيالا جيل منتقلي جي لاءِ اسلام آباد هاءِ ڪورٽ سان رابطو ڪيو آهي.

بقايا *** 15

ڇوڪرين کي سخت جبر جو نشانو بڻائڻ تي عالمي برادري کان مطالبو ڪيو آهي ته هو جنسي اڻبرابري کي سڌي ريت ڏوهه تسليم ڪرڻ گهرجي. رپورٽ موجب انساني حقن جي ادارن سان جڙيل آمريڪا، چين، ميڪسيڪو، يوگنڊا ۽ سربيا جي ماهرن جي پنج رڪني گروپ مطالبو ڪيو آهي ته جنسي اڻبرابري کي هاڻي ڏوهه تسليم ڪرڻ گهرجيل آهي، پهريون ئي گهڻي دير ٿي وئي آهي.

بقايا *** 16

بابت چيف سيڪريٽري سان رابطو ٿيو آهي پر چيف سيڪريٽري اسيمبلي اجلاس بابت اڻڄاڻائي ظاهر ڪئي آهي. ذريعن جو چوڻ آهي ته گورنر غلام علي ذاتي مصروفيتن سبب چئن ڏينهن کان شهر کان ٻاهر هليو ويو آهي. جنهنڪري کي پي اسيمبلي جو اجلاس سڏائڻ بابت اڃا تائين فيصلو ناهي ٿي سگهيو ذريعن جو چوڻ آهي ته ايندڙ پنج ڏينهن تائين صوبائي اسيمبلي جو اجلاس سڏائڻ جو ڪو امڪان ناهي. واضح رهي ته اليڪشن کانپوءِ 21 ڏينهن جي اندر اسيمبلي اجلاس سڏائڻ آئيني گهرج آهي ۽ آئين پٽاندڙ 21 ڏينهن 29 فيبروري تي پورا ٿيندا.

بقايا *** 17

، ذريعن موجب مسلم ليگ (ن) ۽ پيپلز پارٽي وچ ۾ حڪومت سازي بابت پاور شيئرنگ جو فارمولا جوڙيو ويو آهي جنهن کان پوءِ ايم ڪيو ايم وفاقي ڪابينا ۾ 4 وزارتون گهري ورتيون آهن. ذريعن ٻڌايو آهي ته ايم ڪيو ايم قومي اسيمبلي جي ڊپٽي اسپيڪر جو عهدو وٺڻ چاهي ٿي پر مسلم ليگ(ن) اڳ ئي اهو عهدو پيپلز پارٽي کي ڏئي چڪي آهي. هاڻ ڊپٽي اسپيڪر جو عهدو نه ملڻ سبب ايم ڪيو ايم طرفان اهو مطالبو سامهون آيو آهي. وفاقي ڪابينه ۾ وزارتن کان علاوه ايم ڪيو ايم قانون سازي جي تحت بلدياتي ادارن کي بااختيار بڻائڻ جو به مطالبو ڪيو آهي. ٻئي طرف ايم ڪيو ايم سنڌ جي لاءِ گورنرشپ جي حوالي سان به مطالبا سامهون رکيا آهن. ايم ڪيو ايم ڪامران ٽيسوري کي گورنري جي عهدي تي برقرار رکڻ چاهي ٿي. ان حوالي سان ايم ڪيو ايم پنجاب جي اڳواڻ محمد زاهد پنهنجي هڪ بيان ۾ چيو آهي ت(ن) ليگ به موجوده سنڌ جي گورنر ڪامران ٽيسوري کي عهدي تي برقرار رکڻ جو راضپو ظاهر ڪيو آهي.

بقايا *** 18

جي بحال ڪئي وڃي. سنڌ هاءِ ڪورٽ پي ٽي آءِ ۽ ٻين لاڳاپيل ڌرين کان ايندڙ ٻڌڻي تي تفصيلي جواب طلب ڪري ورتو ۽ پي ٽي اي کي بنا جواز انٽرنيٽ، ويب سائيٽس، ايڪس، ٻين سوشل ميڊيا پليٽ فارم بند ڪرڻ کان روڪي ڇڏيو ٻڌڻي دوران درخواست گذار جي وڪيل چيو ته گهرو وزارت بيان ڏنو آهي ته ايڪس کي بند ڪرڻ جون هدايتون جاري ناهن ڪيون، آءِ ٽي واري نگران وزير بيان ڏنو ته هن آءِ ٽي سيڪٽر کي چار چنڊ لڳائي ڇڏيا آهن. وزيراعظم، گهرو وزير ۽ ٻي وارو وزير وڏي ٻڌڻي ايڪس استعمال ڪري ٿو ڪري جي ٻڌائي رهيا آهن ته ايڪس بند نه ٿيو آهي. سنڌ هاءِ ڪورٽ جي چيف جسٽس عقيل احمد عباسي پڇائو ڪيو ته ڪير ويب سائيٽس بند ڪندو آهي يا بند ڪرڻ جو ڪنهن حڪم ڏيندو آهي؟ درخواست گذار جي وڪيل چيو ته ايڪس جي بندش يا سروس سلو ڪرڻ جو اختيار پي ٽي اي وٽ آهي. پي ٽي اي کان پڇائو ڪيو ويو ته ايڪس کي بند ڪرڻ جون هدايتون ڪنهن جاري ڪيون؟ وڪيل وڌيڪ چيو ته صحافين ۽ جن جو روزگار ايڪس سان سلهاڙيل آهي اهي ڏاڍو پريشان آهن. ميڊيا ۽ تحقيق جي شعبي سان لاڳاپيل لکين ماڻهو ايڪس جي بندش سبب ڏکيائين کي منهن ڏئي رهيا آهن. غزا، فلسطين کي امداد فراهم ڪرڻ ۽ اتان جي صورتحال ڄاڻڻ ۾ سخت مشڪل پيش اچي رهي آهي.

بقايا *** 19

جو اعلان ڪيو آهي جنهن تي پي ٽي آءِ جي باني اڳواڻ اڪبر ايس بابر اعلان ڪيو آهي ته هو انهي فيصلي کي اليڪشن ڪميشن آف پاڪستان ۾ تمام جلد چيلينج ڪندو ان سلسلي ۾ قانوني مشاورت جو سلسلو جاري آهي. هن چيو ته 22 ڊسمبر 2023 جي اليڪشن ڪميشن جي فيصلي موجب سموري پي ٽي آءِ قيادت ڪالعدم ٿي چڪي آهي استئافي جو سپريم ڪورٽ جي فيصلي ۾ بيرسٽر گوهر خان کي پاڻ نامزد ڪيل پي ٽي آءِ چيئرمين قرار ڏنو هو ان لاءِ پاڻ نامزد ڪيل پابندي مڙهيل پي ٽي آءِ قيادت جو انٽرا پارٽي چونڊن جي حوالي سان ڪنهن به نئين مهر جو قانوني ۽ سياسي ميدان ۾ مقابلو ڪيو ويندو. هن مطالبو ڪيو ته جيستائين پي ٽي آءِ جي قانوني حيثيت بحال نٿي ٿئي پي ٽي آءِ جي پابندي مڙهيل قيادت جو پي ٽي آءِ جا وسيلا خاص طور تي آفيس ۽ بينڪ اڪائونٽس جو استعمال غير قانوني آهي جنهن تي پابندي لاڳو ڪئي وڃي.

بقايا *** 20

جو احترام ڪرڻ ۽ ٽوئيٽر سميت سوشل ميڊيا جي ٻين پليٽ فارمز تائين رسائي بحال ڪرڻ جا مطالبا ڪندا رهيا آهيون. آمريڪي پرڏيهي وزارت جي ترجمان ميٿيو ملر وڌيڪ چيو ته آمريڪا سرڪاري سطح تي پنهنجي ڳڻتيءَ کان پاڪستاني اختيارين کي آگاهه ڪري ڇڏيو آهي. پاڪستان ۾ اتحادي جماعتن جي ٺهندڙ حڪومت بابت سوال جي جواب ۾ ميٿيو ملر چيو ته حڪومت ٺهڻ کان اڳ ان تي تبصرو نه ٿا ڪري سگهون. آمريڪا اليڪشن ۾ بي ضابطگين جي ڪنهن به دعويٰ جي مڪمل جاچ ڏسڻ چاهي ٿو.

بقايا *** 21

فاروق ايچ نائيڪ وضاحت ڪئي آهي ته آمريڪي حراست ۾ موجود ڊاڪٽر عافيه صديقي کي واپس ڪرڻ تي ڳالهه آندو وڃي. سينيٽ جي پرڏيهي معاملن بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو آخري اجلاس پيپلز پارٽي جي سينيٽر فاروق ايچ نائيڪ جي صدارت هيٺ ٿيو جنهن ۾ فاروق ايچ نائيڪ پرڏيهي کاتي جي آفيسرن ۽ ڪميٽي ميمبرن جا ٿورا مڃيا ۽ چيو ته اها ڪميٽي جو آخري اجلاس هو. ڪميٽي جي اجلاس ۾ قيدين جي متا سٽا واري معاملي تي غور ڪيو ويو، جنهن دوران پي ٽي آءِ سينيٽر وليد اقبال چيو ته ڪهڙي وزارت جا 11 ملڪن سان معاهدا آهن. هن چيو ته قيدين جا تفصيل ٻين ملڪن سان جمع ڪرايا وڃن، معاهدن جون ڪاپيون پرڏيهي وزارت ۽ گهرو وزارت جي ويب سائيٽ تي لڳايون وڃن. ڪميٽي جي چيئرمين فاروق ايچ نائيڪ چيو ته اسان جو آمريڪا سان قيدين جي متاسٽا جو معاهدو ناهي، اهوئي سبب آهي جو ڊاڪٽر عافيه صديقي جي واپسي نٿو آئي سگهجي.

بقايا *** 22

. پشاور هاءِ ڪورٽ ۾ 23 جون 2023 تي اڳوڻي اسپيڪر اسد قيصر جو نالو اي سي ايل ۾ وجهڻ خلاف داخل درخواست تي ٻڌڻي ٿي، درخواستگذار جي وڪيل جو موقف هو ته اسد قيصر قومي اسيمبلي جو اڳوڻو اسپيڪر آهي. عمري جي ادائگي لاءِ وڃي رهيو هو ته ان کي روڪيو ويو 23 جون تي ان جو نالو اي سي ايل ۾ وڌو ويو اسد قيصر سينئر سياستدان آهي ۽ اڳوڻي اليڪشن ۾ به قومي اسيمبلي جو ميمبر چونڊجي آيو آهي جنهن کان پوءِ پشاور هاءِ ڪورٽ اسد قيصر جو نالو اي سي ايل ۾ شامل ڪرڻ جو آرڊر غيرآئيني ۽ غيرقانوني قرار ڏئي ڇڏيو.

بقايا *** 23

بين کي ڌر بڻائيندي موقف اختيار ڪيو ته دوائن جون قيمتون مقرر ڪرڻ جي لاءِ نگران حڪومت قانون جي ابتڙ نوٽيفڪيشن جاري ڪيو جنهن سان دوائن جي قيمتن ۾ واڌ ٿيندي. حڪومت دوائن جون قيمتون مقرر ڪرڻ جي سيڪشن برگ ايڪٽ سان ڪيو رهي آهي. نگران حڪومت وٽ اهو اختيار نه آهي. عوامي ۽ جمهوري حڪومت اچڻ واري آهي اهو قدم اها ڪئي سگهي ٿي. موجوده نوٽيفڪيشن آئين ۽ قانون جي ابتڙ آهي. ان ڪري عدالت درخواست جي حتمي فيصلي تائين نوٽيفڪيشن معطل ڪرڻ جو حڪم ڪري. لاهور هاءِ ڪورٽ نوٽيفڪيشن معطل ڪري نگران پنجاب حڪومت سميت ڌرين کان ايندڙ ٻڌڻي تي جواب طلب ڪري ورتو

بقايا *** 24

تي انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 279 رپيا 60 پئسا تي هو ٻئي طرف پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ ڪاروبار جي شروعات ۾ ملاجلا رجحان ڏٺو پيو وڃي، پاڪستان اسٽاڪ ايڪسچينج 100 انڊيڪس 14 پوائنٽس جي واڌ سان 61 هزار 573 تي پهچي ويو ڪالهه انڊيڪس 61 هزار 559 پوائنٽس تي بند ٿيو

بقايا *** 25

ناهي. اسلام آباد هاءِ ڪورٽ ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي پي ٽي آءِ اڳواڻ جو چوڻ هو ته ريڊ جو ڪيس منهنجي گهرڻ تي جسٽس سردار اعجاز اسحاق جي عدالت ۾ ٿيو ڪالهه منهنجو ملازم گهر واپس آيو هو مون سان ڳالهه ٻولهه ڪئي هئي. شير افضل مروت جو چوڻ هو ته منهنجي ملازم جو چوڻ هو ته سلو سلو سلوڪ ڪيو ويو ۽ ۾ جوڙا ڪپڙا به ڏنا ويا. اڄ عدالت منهنجي شڪايت تي درخواست خارج ڪري ڇڏي.

بقايا *** 26

مان 25 شرطن تي عملدرآمد مڪمل ڪري رپورٽ آءِ ايم ايف کي اماڻي ڇڏي. آءِ ايم ايف جي رڳو هڪ شرط قومي اسيمبلي نه هجڻ سبب نيشنل هاءِ وي اٿارٽي، پاڪستان پوسٽ، پاڪستان براڊڪاسٽنگ ڪارپوريشن لا ۾ ترميم تي عمل نه ٿي سگهيو. نئين حڪومت ٺهڻ ڪانپوءِ اها شرط به پوري ٿي ويندي. ناڻي واري وزارت جي ذريعن موجب، اسٽينڊ باءِ ارينجمينٽ پروگرام تحت هڪ ارب ڏهه ڪروڙ ڊالر ماليت جي آخري قسط لاءِ ٻئي اقتصادي جائزي تي ڳالهيون نئين حڪومت سان متوقع آهن. ذريعن جو چوڻ آهي ته ٻئي اقتصادي جائزي بابت آءِ ايم ايف سان طئي ٿيل هدفن ۽ شرطن تي عملدرآمد بابت ناڻي واري وزارت رپورٽ تيار ڪري آءِ ايم ايف کي اماڻي ڇڏي آهي. ذريعن موجب، ٻئي اقتصادي جائزي بابت آءِ ايم ايف سان ڪل 26 هدف طئي ڪيا ويا هئا. جن مان 25 هدف حاصل ڪيا ويا آهن.

بقايا *** 27

پٽ گل خان چانڊيو مارجي ويا. اطلاع تي هماين شريف پوليس واقعي واري هنڌ پهچي وئي، عبدالڪريم چانڊيو جو لاش اسپتال منتقل ڪيو ويو جنسال چانڊيو ڌرجي مارجي ويل پيءُ پٽ جا لاش واقعي واري هنڌ پيل رهيا. علائقي ۾ ڏهڪاءُ پکڙجي ويو

بقايا *** 28

موڪل جو اعلان ڪري ڇڏيو آهي. عرس جون تقريبون 29 فيبروري کان ٽن ڏينهن تائين جاري رهنديون. جنهن ۾ ادبي ڪانفرنس، سنڌي روايتي راند ملاکڙو ۽ ٻيون روايتي تقريبون شامل آهن. ان حوالي سان مقامي انتظاميا پاران ساليانی عرس جي موقعي تي سيڪيورٽي جا سخت انتظام ڪيا ويا آهن. سيوهڻ جي عقيدتمندن جي درگاهه جي زيارت ڪندڙن کي سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ سهولتي ڪيمپون قائم ڪيون ويون آهن. نازو ٽي سنڌ جي نگران قانون ۽ اوقاف واري وزير عمر سومرو حضرت لعل شهباز قلندر جي مزار تي حاضري ڀري انتظامن جو جائزو ورتو ان موقعي تي سنڌ جو اڳوڻو نگران وزير افتخار احمد سومرو به ساڻس گڏ هو نگران قانون واري وزير مزار قائد تي گلن جي چادر چاڙهي ۽ ملڪ ۽ سنڌ جي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ فاتح خواني ڪئي.

بقايا *** 29

جي سربراهي ۾ جوڙيل ڪميٽي جي رپورٽ ۾ جي ويو آهي ته ڪنٽرولر، ڊپٽي ڪنٽرولر ۽ اسسٽنٽ ڪنٽرولر سميت سموري ٽيم نتيجن ۾ ڦيرڦار جي ذميوار آهي، ميٽرڪ بورڊ ۾ بي ضابطگين جي اينٽي ڪرپشن اسٽيبلشمينٽ کان وڌيڪ جاچ ڪرائڻ جي سفارش ڪئي وئي آهي. انڪوائري ڪميٽي پاران نتيجن جي ڦيرڦار ۾ ملوث بورڊ جي عملدارن خلاف ڪارروائي جي به سفارش، رپورٽ موجب جاچ دوران وقتي ڪنٽرولر عمران سميت ڪنهن به سهڪار نه ڪيو ويو ته ڪنٽرولر، ڊپٽي ڪنٽرولر ۽ ريڪارڊ ۾ فراهم نه ڪيو ويو نتيجن جي هيراڦيري ۾ ڊپٽي ڪنٽرولر خالد احسان به ملوث قرار رپورٽ موجب خالد احسان کي جاچ ڪميٽي ۾ ميمبر طور به شامل ڪيو ويو، انتظاميا پاران بورڊ جي آءِ ٽي ۽ ڪمپيوٽرنگ کي نظرانداز ڪيو ويو. جنهن ڪري امتحاني نتيجن ۾ ڦيرڦار ۾ بدانتظاميون شروع ٿيون

بقايا *** 30

ڳوڙها آڻيندڙ گئس جي گولن جو استعمال ڪيو جنهن جي نتيجي ۾ ٻه نوجوان هاري شوڀڪرن سنگهه مارجي ويو ۽ 25 ڄڻا زخمي ٿي پيا آهن. ٻئي پاسي پارٽي اختيارين تصديق ڪئي آهي ته ڪالهه پوليس سان ڇڪرين دوران مٿي ۾ گولي لڳڻ سبب 21 سالا نوجوان مارجي ويو جڏهن ته ڇڪرين دوران 12 پوليس اهلڪار زخمي ٿيا جنهن ڪانپوءِ "دهلي هلو مارچ" ٻن ڏينهن لاءِ معطل ڪيو ويو آهي. ڀارتي ميڊيا موجب، هارين هريانا سرحد وٽ ڌرڻو جاري رکڻ جو اعلان ڪيو آهي جنهن سبب سيڪيورٽي خدشن کي نظر ۾ رکندي هريانا جي ستن ضلعن ۾ موبائيل انٽرنيٽ سروس جي بندش ۾ سڀاڻي تائين واڌ ڪئي وئي آهي. هاري تنظيمون هاري جي موت جو ذميوار رياستي پوليس ۽ مرڪزي حڪومت کي قرار ڏنو آهي.

بقايا *** 31

ڪميشن ذريعن موجب، سني اتحاد ڪائونسل ۾ 86 آزاد اميدوارن شموليت اختيار ڪئي آهي ۽ ن ليگ ۾ 8 آزاد اميدوار شامل ٿيا آهن. اليڪشن ڪميشن پاران 101 ڪامياب آزاد اميدوارن مان 96 جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو آهي. جڏهن ته پنج آزاد اميدوارن جي ڪاميابي جو نوٽيفڪيشن جاري ناهي ڪيو ويو.

بقايا *** 32

شيدين کي باهه لڳي وئي جنهن ۾ ڪيترائي فارمن جا شيڊ سڙي ويا. باهه جي شدت سبب شيدين ڀرسان واقع ڳوٺ نواز ملاح جا 7 گهر به باهه جي لپيٽ ۾ اچي سڙي راک ٿي ويا. باهه ڪيترن ڪلاڪن تائين هلندي رهي پر ٽائون ڪميٽي ڳاڙهو، ٽائون ڪميٽي گهوڙاٻاري ۽ ضلع ڪائونسل ٺٽو ۽ يونين ڪائونسل ڪيٽي بندر ٻگهان انتظاميا ڪنهن به قسم جو تحرڪ نه ورتو ان موقعي تي اتي موجود آبادگارن، وحيد سرائڪي، نظير سرائڪي، گلستان سرائڪي ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 70 ايڪڙن تي ٻيلن سندن تيار پاڻ جي شيدن ۾ لڳ ڀڳ 10 اربن جو نقصان ٿيو آهي. هوڏانهن باهه جي شدت سبب متاثر ڳوٺ نواز ملاح جي ڳوٺاڻن رمضان ملاح ۽ ٻين جو چوڻ هو ته باهه تمام گهڻي تيز هئي جنهن سبب گهر مڪمل باهه جي لپيٽ ۾ اچي ويا. متاثر ڳوٺاڻن وڌيڪ ٻڌايو ته هنن ٽائون ڪميٽي ڳاڙهو، يونين ڪائونسل ڪيٽي بندر ۽ يونين ٻگهان انتظاميا سميت ضلعي انتظاميا رابطو ڪيو پر هنن فائر برگيڊ موجود نه هجڻ جي ڪري ڪا به مدد نه ڪئي. هنن ڏانهيو ته اسان جي گهرن ۾ موجود لکين رپين جو قيمتي سامان، ڪپڙا، زيور، روڪ رقم ۽ کاڌي پيتي جو سامان سڙي رک ٿي ويو آهي. متاثرن ڊي سي ٺٽو ۽ ٻين لاڳاپيل اعليٰ عملدارن کي اپيل ڪندي چيو آهي ته اربين رپين جو نقصان ٿي ويو آهي، مهرباني ڪري اسان جي مدد ڪئي وڃي.

بقايا *** 33

چونڊن جو شيڊيول جاري ڪيو ويو آهي جنهن موجب، انٽرا پارٽي چونڊن لاءِ نامزدگي ڪاغذ 23 کان 24 فيبروري تائين جمع ڪرائي سگهجن ٿا. شيڊول ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي چونڊن لاءِ اسڪروٽني 25 فيبروري تي ٿيندي. پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي اليڪشن ۾ نامزدگي ڪاغذن تي فيصلا 27 فيبروري تي ٿيندا. ان ڪانسواءِ پي ٽي آءِ انٽرا پارٽي چونڊن لاءِ پولنگ 3 مارچ تي ٿيندي. انٽرا پارٽي چونڊن لاءِ پولنگ سينٽرل آفيس سميت چئني صوبائي سيڪريٽريٽ ۾ ٿيندي.

بقايا *** 34

جنهن ۾ اسپيڪر اسيمبلي ميمبرن کان حلف وٺندو. اسيمبلي جو اجلاس طلب ڪرڻ جي لاءِ سمري گورنر ڏانهن اماڻي وئي آهي. نون چونڊيل ميمبرن جي حلف برداري کان پوءِ اسپيڪر نشين اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊ جو شيڊول جاري ڪندو ڪاغذ فائنل ٿيڻ جي هڪ ڏينهن جي وقفي کان پوءِ چونڊ ڪئي ويندي. اسپيڪر ۽ ڊپٽي اسپيڪر جي چونڊجڻ کان پوءِ نئون چونڊيل اسپيڪر وڏي وزير جي چونڊ جو شيڊول جاري ڪندو .. پنجاب اسيمبلي جو اجلاس سڏائي طلب ڪيو ويو پنجاب جي گورنر محمد بليغ الرحمان پنجاب اسيمبلي جو اجلاس سڏائڻ جو نوٽيفڪيشن به جاري ڪري ڇڏيو آهي، جاري ڪيل پڌرائي موجب پنجاب اسيمبلي جو اجلاس سڀاڻي صبح 10 وڳي ٿيندو، پنجاب اسيمبلي جي اجلاس ۾ نوان چونڊيل ميمبر حلف کڻندا، پنجاب اسيمبلي جو اسپيڪر سبطين خان نون چونڊيل ميمبرن کي حلف کڻائيندو.

بقايا *** 35

طرفان ڏنل اعليٰ فوجي اعزاز وٺڻ جي منظوري ڏئي ڇڏي. نگران وزيراعظم انوار الحق ڪاڪڙ جي صدارت هيٺ وفاقي ڪابينا جو اجلاس ٿيو. جنهن ۾ وزيرن شرڪت ڪئي. اجلاس دوران وزيراعظم پنهنجي ٽيم ۽ سول سرونٽس جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي سندن ٿورا مڃيا. وفاقي ڪابينا پرڏيهي کاتي جي سفارش تي چيف آف آرمي اسٽاف جنرل عاصم منير کي پاڪستان ۽ ترڪيه جي هٿياربندي فوج وچ ۾ سهڪار ۽ خدمتن جي اعزاز ۾ ترڪيه حڪومت طرفان مليل " ترڪش آرمڊ فورسز ليجئن آف ميرٽ " ايوارڊ جي منظوري ڏئي ڇڏي. ان ڪانسواءِ وفاقي ڪابينا مختلف ادارن جي نئين سر تنظيم ڪاري، پرڏيهي سيڙپڪاري کي هٿي ڏيڻ ۽ ڪاروبار کي سهولت فراهم ڪرڻ لاءِ نگران حڪومت جي کنيل قدمن جي اطمينان جو اظهار ڪيو.

بقايا *** 36

سان دوائن جي قيمتن ۾ واڌ ٿيندي. حڪومت دوائن جون قيمتون مقرر ڪرڻ جي سيڪشن برگ ايڪٽ سان ڪيئي رهي آهي. نگران حڪومت وٽ اهو اختيار نه آهي. عوامي ۽ جمهوري حڪومت اچڻ واري آهي اهو قدم اها ڪئي سگهي ٿي. موجوده نوٽيفڪيشن آئين ۽ قانون جي ابتڙ آهي. ان ڪري عدالت درخواست جي حتمي فيصلي تائين نوٽيفڪيشن معطل ڪرڻ جو حڪم ڪري جو حڪم ڏئي.

بقايا سنڌيار 01

ڪونهي شاڪر عمر گجر تفصيل موجب ملير ۾ ايشيا جي چوپائي مال جي وڏي ۾ وڏي منڊي بينس ڪالوني ۾ زهريلي جاري جو وڪرو بند ٿي نه سگهيو آهي جنهن سبب هلندڙ سال جي پهرين مهيني جنوري کان فيبروري تائين جي هنن ٻن مهينن ۾ 40 کان وڌيڪ مينهنيون مري ويون واڙي مالڪن کي ڪروڙين روپين جو نقصان ٿيو آهي امير بخش چانڊيو سميت ٻين واڙي مالڪن طرفان چارڻ جي ڊيلرن اڪرم ۽ افضال خلاف سکڻ ٿاڻي تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ جڏهن واپارين ۽ واڙي مالڪن جي تنظيم جي اڳواڻ شاڪر عمر گجر سان رابطو ڪيو ويو ته سندس چوڻ هو ان ڪنڌي ڪم ۾ ڊيلرن سان لائيو اسٽاڪ کاتو ٻت ٻڌيل آهي ڇا ڪا فيڪٽري رجسٽرڊ ناهي پيتي ٿي ڪم هلي ٿو جنهن جو نقصان واڙي مالڪن واپارين ۽ عام ماڻهن کي ٿي رهيو آهي ڇا ڪاڻ ته باٿرو واپاري ۽ جارو ناهيندڙ ڪارنيڊا قانون تي عمل ڪرڻ لاءِ تيار ڪونهي سنڌ توڙي وفاقي سرڪار کي فوري ڪارروائي ڪرڻ گهرجي

بقايا سنڌيار 02

بچاءَ لاءِ حفاظتي ٽڪا ضرور لڳرائن. اهي ٽڪا مفت ۾ ڪنهن به ويجهي حفاظتي مرڪز مان لڳرائي سگهجن ٿا اسان سڀني جي ذميواري آهي ته پنهنجن ٻارڙن کي حفاظتي ٽڪا لڳرائي انهن جي مستقبل کي محفوظ بڻايو گڏجاڻي کي بريفنگ ڏيندي ڊاڪٽر ثناءالله ۽ رمضان قمبراڻي ٻڌايو ته ضلعي بدين ۾ 113 ويڪسينيٽر ۽ هڪ هزار ليڊي هيلٿ ورڪرز جي مدد سان ضلعي جي 144 صحت مرڪزن تي اي پي آئي سينٽر موجود آهن انهن سينٽرن ۾ 12 خطرناڪ بيمارين کان بچاءَ جا مفت حفاظتي ٽڪا لڳايا وڃن ٿا گڏجاڻي ۾ ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر نو محمد نواز ڪلوڙ، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر ظهيرالدين ميمڻ. اين اسٽاپ آفيسر ڊاڪٽر منظور ميمڻ. اي پي آءِ فوڪل پرسن ڊاڪٽر ثناءالله، ڊاڪٽر رجنيش ۽ ٻيا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا

بقايا سنڌيار 03

جکراڻي عبدالرشيد جکراڻي ۽ فياض جکراڻي تي خون جو ڏوهه ثابت ٿيڻ تي مٿن ڏيڍ ڪروڙ ڏنڊ رکيو ويو ڏرين مٿان ڏوهه ثابت ٿيڻ تي مٿن ڏيڍ ڪروڙ روپيه ڏنڊ مان ٽي لک روپيه انهن موقعي تي ادا ڪيا ۽ بقايا ڏنڊ جي رقم ٽن قسطن ۾ ادا ڪئي رهندي نبيري بعد ڌرين ڪير ڪنڌ تي ويون جڙتو مقابلي ۾ ملوث پوليس اهلڪارن کي ايس ايس پي ڪشمور طرفان لاڙڪاڻا هاءِ ڪورٽ جي ڏنل حڪم بعد ڪين هڪ مهينو اڳ نوڪري کان معطل ڪيو ويو هيوواضح رهي ته هڪ سال اڳ غوثپور پوليس ٻنهي پورهيتن کي موٽر سائيڪل ۽ موبائيل فون جي چوري جي الزام هيٺ گرفتار ڪيو هيو ۽ رشوت نه ڏيڻ تي ڪين مبينه مقابلو ڄاڻائي قتل ڪري ڇڏيو هيو جنهن بعد وارثن سخت احتجاج ڪري لاڙڪاڻي جي هاءِ ڪورٽ ۾ پوليس خلاف ڪيس داخل ڪري انڪوائري ڪرائي جنهن جي رپورٽ ۾ مقابلو جڙتو نڪتو

بقايا سنڌيار 04

گذرندڙ هاءِ وولٽيج جي بجلي جي تارن مان ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو ان ڏس ۾ معلوم ٿيو آهي ته نوجوان گهر جي بجلي ٺاهي رهيو هو ته تار مان اوچتو ڪرنٽ لڳڻ سبب فوت ٿي ويو اطلاع ۽ وارثن ۽ پاڙي جي ماڻهن پاران نوجوان جو لاش گهر جي ڇت تان لاهي گهر منتقل ڪيو افسوس ناڪ واقعي سبب گهر ۾ ڪهرام مچي ويو

بقايا سنڌيار 05

هنيو هو ۽ ايس ايچ او راڻي پور اقتدار جتوئي شهرين کان ٻنڌرنهن ڏينهن مهلت گهري هئي ۾ پوليس پنهنجو شهرين سان ڪيل واعدو وفا نه ڪيو شهري ڪان ڦرڻيل گاڏي واپس نه ڪرائي سگهي جنهن ڪري هڪ دفعو ٻيهر غلام مصطفيٰ لاڙڪ، ساجد منگرين، امداد لاڙڪ ضيغم عباس مغل، سرمد نثار پتو جي اڳواڻي ۾ وڏي تعداد ۾ شهري راڻيپور ٿاڻي اڳيان احتجاجي مظاهري بعد ڌرڻو هڻي ويهي رهيا ان موقعي احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي ڪندڙن چيو ته پوليس سڪتا دلاسا ڏئي رهي آهي ارڙهن ڏينهن ڪان رڳي اسان کي انتظار ڪرايو ويو آهي ۾ افسوس جو اسان جي نوجوان کان وچ شهر مان سريعا ڏوهاري گاڏي ڦري ويا جنهن جو ڪوئي پوليس تدارڪ ناهي ڪيو اسان ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ٿا ڪيون ته ايس ايچ او راڻيپور کي هٽايو وڃي ۽ اسان جي ڦرڻيل گاڏي ۽ ٻيو سامان واپس ڪرائي ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جاري رهندو

بقايا سنڌيار 06

ريڪور ڪري ورتي ريڪور ٿيل موٽر سائيڪل جو مالڪ اعجاز مشوري گاڏي جا ڪاغذ کڻي مورو ٿاڻي تي پهچي ويو جتي هن پنهنجي چوري ٿيل موٽر سائيڪل جي سڃاڻپ ڪئي ان موقعي تي موٽرسائيڪل مالڪ ٻڌايو ته مورو ايس ايچ او مجيب رحمان ناريجو جي وڏي مهرباني جنهن تمام جلدي منهنجي موٽر سائيڪل موٽي واپس ڪرائي ڏني ۽ مان پاڻ فريادي ٿي چابي چور عرفان وڳڻ خلاف مورو ٿاڻي تي ايف آءِ آر داخل ڪرائي آهي ان موقعي تي ايس ايچ او مورو مجيب رحمان ناريجو ٻڌايو ته ڪجھ ڏينهن پهرين مورو جمال شاهه جي ميلي تان چابي چور موٽرسائيڪل چوري ڪري ويا هئا جنهن ۾ اسان ڏينهن رات ڪوشش ڪري هڪ چابي چور ٽالي عرفان وڳڻ گرفتار ڪيو جنهن وٽان هڪ عدد موٽرسائيڪل هٿ ڪئي جيڪا موٽر سائيڪل اعجاز مشوري جي چوري ٿيل هئي مالڪ پنهنجي چوري ٿيل موٽر سائيڪل جي سڃاڻپ ڪئي ۽ جوابدار مٿان فريادي تي ايف آءِ آر پڻ داخل ڪرائي

بقايا سنڌيار 07

سان پريل هجڻ ڪري موٽرسائيڪل سوارن کي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي روڊ جي وچ تي جانورن جي سمهڻ ۽ ويهڻ سبب اڪثر ڪري رات جي اونداهي ۾ حادثا پيش اچن ٿا موٽر سائيڪل هلائيندڙن جوچوڻ آهي ته چاڪاڻ جو جانور پري کان نظر ئي ڪونه ٿا اچن جانورن جا مالڪ چارو بچائڻ خاطر انهن کي روڊن تي ڇڏي هليا وڃن ٿا جنهن بعد جانور پنهنجي مالڪن جي گهر ڏاهن وڃڻ بجاءِ جوڙاري گهمي ڦري گند ڪچروکائي اتي ئي سمهي پون ٿا سکر جي شهرين ۽ سماجي حلقن سخت ڳڻتي جو اظهار ڪندي ڪندي اعليٰ اختيارين ۽ ضلعي انتظاميا کان مطالبو ڪيو آهي ته نوٽيس وٺي ڪين پنهنجي قبضي ۾ وٺي يا ڪين پڪڙي وڳين ۾ موڪليو وڃي ته جيئن شهرين جي زندگين کي محفوظ بڻائي سگهجي. اهو آهي

بقايا سنڌيار 08

محلا ۾ پوليس جي وڏن اڻالن جوڙي هئي خانزادا جي واڙي تي ڇاپو هنيو ايس ايچ او ناروشاهه مقصود رضا مگسي ٻڌايو ته اسانکي اطلاع مليو ته مينهن جي واڙي تي ڦتاڪن جي ترڪ لڪي آهي جنهن تي واڙي جي تلاشي ورتي ته خانزادا برادري، ٿاڻي جي گهيراءِ ڪري پوليس کي گارگند ڪئي آهي ۽ ٿاڻي آڏو ٽائرن کي باهيون ڏئي اسان خلاف گارگند ڪئي جڏهن ته ٽائون ڪاميٽي جي وائيس چيئرمين عبدالرئوف خانزادا ڪائونسلر ٽڪا خانزادا ۽ ٻين ٿاڻي آڏو احتجاج ڪندي چيو ته ناروشاهه پوليس اسانجي واڙي تي چڙهائي ڪري اسانجي بيعزتي ڪئي آهي جڏهن ته تلاشي دوران ڪجھ به هٿ نه آيو جنهن تي اسان پرامن احتجاج ڪيوسين ته پوليس احتجاج به ڪرڻ نٿي ڏئي جڏهن ته پوليس ۽ رهواسين ۾ چڪرين دوران روڊ بند ٿي ويو ٽريفڪ پڻ بند رهي.

بقايا سنڌيار 09

وڏي وزير جي احڪامات تي سنڌ حڪومت جي تعاون سان سنڌ جي صحافين کي سنڌن صحت جي مفت علاج لاءِ خصوصي گرانٽ ذريعي سهوليت فراهم ڪئي وئي هئي، جيڪي ڪارڊ سنڌ جي سمورن ضلعن ۾ تقسيم ڪرڻ جي سهوليت فراهم ڪئي آهي نئين حڪومت جي قيام عمل سان وري ٻيهر صحافين جي فلاح ٻهبود لاءِ وڌيڪ اسڪيمون ڏئي ڪين سهوليتون فراهم ڪيون وينديون، جنهن ۾ سنڌ جي ڪراچي حيدرآباد ۽ ٻين ضلعن ڪانپس، ٽنڊو محمد خان ضلعي ۾ به صحافي ڪالوني لاءِ عملي طور قدم کنيو ويندو، صحت ڪارڊ تقسيم ڪرڻ واري تقريب کي پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽ جي مرڪزي اڳواڻ جنيد خانزده، حامد شيخ، آفتاب ميمڻ، عبدالڪريم شيخ، گورنگ ٻاڊي پريس ڪلب جي چيئرمين غلام نبي ڪيرو، پريس ڪلب جي صدر مظفر رند، پريس ڪلب جي اڳوڻي صدر راڻو غلام حسين ۽ ٻين پڻ تقريب کي مخاطب ٿيندي صحافين جي مسئلن بابت آگاهي ڏني ۽ اڳوڻي وڏي وزير جي تعاون سان سنڌ جي صحافين کي صحت ڪارڊ ڏيڻ واري سهوليت کي صحافين لاءِ بهترقدم قرار ڏنو، انهي موقعي تي ٽنڊو محمد خان جي صحافين ۾ فيڊرل يونين آف جرنلسٽ جي طرفان صحت ڪارڊ تقسيم ڪيا ويا.

بقايا سنڌيار 10

ايجوڪيشن، ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيس، دادو بار ڪائونسل، پاڪستان بيت المال، سوشل ويلفيئر، پي پي ايڇ آءِ، ڊبليو ايڇ او، ايل آر ايف، ٽرڊيپ، هينڊز، يو اين ايف اي، دادو سيف هائوس، نادرا، ايل آر ايف، ليگل ايڊ، بينظير انڪم سپورٽ پروگرام، ٻارن ۽ عورتن جي حقن جو تحفظ ڪرڻ واري سيل، ايس پي دادو، انڊس اسپتال، اين سي ايڇ ڊي، اين آر ايس پي، ايل ايڇ ڊي پي، ايم ڊي ايف، سي آر سي دادو،ريڊ ڪريسينٽ سميت انفارميشن ڊپارٽمينٽ جي نمائندن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي ان ورڪشاپ جو بنيادي مقصد مختلف خدمتون فراهم ڪندڙسرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن پاران ٻارن ۽ عورتن جي حقن جي لاڳو ۽ انهن لاءِ ورتل ڪاوشن تي روشني وجهڻ ۽ ريفرل ميڪينيزم جي ذريعي انهن جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ گڏجي ڪوششون وٺڻ هو، ان موقعي تي دادو ضلعي ۾ ڪم ڪندڙ سرڪاري ۽ غير سرڪاري ادارن جي سربراهن جو چوڻ هو ته ، ادارن جو پاڻ ۾ مسلسل گڏجڻ، مسئلن جي نشاندهي ڪري، ان تي لاءِ عمل جوڙڻ خوش آئن قدم آهي ۽ ان عمل کي تيز ڪرڻ ۾ انٽرنيشنل ريسڪيو ڪميٽي پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪيو آهي، هنن ان ڳالھ تي اتفاق ڪندي چيو ته سال 2022 واري ٻوڏ کان پوءِ دادو ضلعي ۾ سرڪاري ۽ غيرسرڪاري ادارن. اين جي اوز ۽ بين الاقوامي ادارن تمام گهڻو ڪم ڪيو آهي. چائلڊ پروٽيڪشن اٿارٽي، رومين اينڊ چائلڊپروٽيڪشن سيل، ٻارن ۽ عورتن جي حقن جو تحفظ ڪرڻ ۾ پنهنجو ڀرپور ڪردار ادا ڪري رهيا آهن. جنهن ۾ ضلعي سطح تي هڪ ست رڪني اسٽيرنگ ڪميٽي پڻ جوڙيل آهي جنهن جو چيئرمين ڊپٽي ڪمشنر دادو آهي، اسان سمورن ادارن کي پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪم ڪري ادارن کي مضبوط ڪرڻو پوندو، ته جيئن عوام جي صحيح معنيٰ ۾ خدمت ڪري سگهون ۽ ٻارن ۽ عورتن جي تحفظ کي يقيني بڻائي سگهون آخر ۾ سمورن ادارن ان ڳالھ تي اتفاق راءِ جواظهار ڪندي چيو ته . اسان کي ٻارڙن جي تحفظ کي يقيني بڻائڻ لاءِ اهڙين گڏجاڻين ڪرڻ سان گڏوگڏ ڪميونٽي کي سنڌن ٻارن جي مسئلن ۽ انهن جي حل جي لاءِ آگاهي ڏيڻ جي عمل کي تيز ڪرڻو پوندو ته جيئن انهن کي خبر پوي ته ، ڪهڙي مسئلي جي تدارڪ لاءِ ڪهڙي اداري يا کاتي سان رجوع ڪجي ۽ سرڪار سان گڏجي ريفرل ميڪينزم جو هڪ مثر لاهه عمل جوڙڻ جي لاءِ ڪوشش وٺڻ گهرجن

بقايا سنڌيار 11

ڪين پر ڪوب ڪو تيل نه ٿي نڪري سگهيو مجبورن ٻارڙن کي ٻين اسڪولن تي روانو ڪرڻو پيو اهڙين ڳالهيون گوٺ صالح خاصخيلي جي رهواسين ۾ سيراڻي پريس ڪلب جي صحافين جي ٽيم سان گوٺائن ۽ والدين الله بچايو خاصخيلي، ممتازعلي خاصخيلي سڪندرعلي پنهور، ميرمحمد ملاح، اصغرعلي خاصخيلي نصيراحمد، ۽ ٻين صحافين اڳيان ڏانهيندي چيو ته اسڪول تي مهيني جو مهينا ڪم ماستر صرف بايو ميٽرڪ واري سان ڏيتي ليتي هڻڻ سبب هڪ ڏينهن اسڪول تي اچي بايو ميٽرڪ ڪري هليو ٿو وڃي جنهن سبب سوين معصوم ٻارڙن جو مستقبل تباهه ٿي رهيو آهي هنن تعليم کاتي سميت عالي اختيارن کان گهر ڪئي ته اسڪول تي مسلسل غير حاضر استاد جو نوٽيس ورتو وڃي يا هي استاد بدلي ڪري محنتي ايماندار استاد مقرر ڪري سوين ٻارڙن جو مستقبل تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي نه ته ٻئي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌائيندا سين

بقايا سنڌيار 12

۽ فنانس سيڪريٽري جي سيٽن تي اليڪشن ٿيندي، جڏهن ته صدر ۽ جنرل سيڪريٽري جي ٻن اهم عهدن تي صدر قربان ملانو ۽ جنرل سيڪريٽري آچر خان گبول ميمبر آف مينيجمينٽ ڪميٽي ۾ دانش عثمان غني ميمڻ ۽ ٻيا بنا مقابلي چونڊجي ويا. ان موقعي تي هاءِ ڪورٽ بارسکر جي بنامقابلي چونڊيل صدر ۽ جنرل سيڪريٽري جو چوڻ هو ته بار ۾ صحتمند سرگرميون ڏسڻ ۾ اينديون جڏهن ته بار ۽ بينچ جي وچ ۾ عزت ۽ وقار جو رشتو قائم رهندو. بار ۾ موجود سينئر ۽ جونيئر وڪيلن پاران ڪين گلن جا هار پارائي مبارڪباد ڏني ۽ اميد ظاهر ڪئي ته وڪيل برادري جي ڀلائي لاءِ ڀرپور ڪردار ادا ڪندا

بقايا سنڌيار 13

ريورٽ پڻ درج ڪرائي وئي جنهن بعد انچارج 15 مددگار دادو پنهنجي ٽيم سان ڪري جديد ٽيڪنالاجي جي مدد سان مختلف علائقن تي ڇاپا هڻي ڦر ٿيل موٽر سائيڪل واپس ڪرائي مالڪن حوالي ڪئي انچارج 15 مددگار دادو شاهنواز سولنگي ۽ وڏو منجي منصور علي ۽ ٽيم انچارج 15 مددگار دادو پاران هڪ وڌيڪ اهم اڳڀرائي ڪندي بي سيڪشن ٿاڻي جي حد مان فريادي محسن پنهور جي گهر مان نامعلوم چورن هڪ موبائيل فون چوري ڪري ڀڄي ويا جيڪا پڻ ٽريسنگ جي مدد سان واپس ڪرائي مالڪ محسن پنهور جي حوالي ڪئي

بقايا سنڌيار 14

قطرا هر مهم ۾ لازمي پياريا وڃن ته جيئن ڪو به ٻار هن موذي مرض ۾ مبتلا نه ٿي سگهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن اڄ 26 فيبروري کان ٻهرئين مارچ تائين ٿيندڙ پوليو مهم جي انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ ڪوٺايل اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو اجلاس ۾ هن صحت کاتي جي عملدارن سان مخاطب ٿيندي چيو ته ضلعي اندر ٻارن ۾ ارڙي جا ڪيسز به رپورٽ ٿي رهيا آهن جن کي بچاءَ لاءِ صحت کاتي سان گڏ تمام هيلٿ پارٽنرز ۽ سرويلنس کي عوام ۾ ان بابت جاڳرتا مهم هلائڻ جي ضرورت آهي ۽ ان سلسلي ۾ ليڊي هيلٿ ورڪر فيلڊ ۾ ڪميونٽي جاڳرتا بابت پنهنجي ذميدارين کي بهتر نمونئي ادا ڪن هن وڌيڪ چيو ته پوليو مهم سميت تمام بيمارين کان بچاءَ لاءِ رٿا بندي تحت ميڪنزم کي مضبوط ڪري ڊاڪٽرن. آفيسرن ،لاڳاپيل فيلڊ ورڪرن ۽ ضلعي انتظاميه سان رابطي ۾ رهندي سرويلنس ٽيم سميت هيلٿ پارٽنرز جي نشاندهي ڪيل اپائن تي گڏجي ڪم کي وڌيڪ تيز ۽ اثرائتو بنايو وڃي. اجلاس کي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر محمد يوسف جهيجهو ٻڌايو ته پوليو جي هن مهم دوران پنج سالن جي تمام ٻارن کي پوليو جي قطرن سان گڏوگڏ وٽامن اي جا قطرا پڻ ڏنا ويندا جنهن سان ٻارن جي اميون سسٽم ۾ مضبوطي پيدا ٿيندي هن عوام کي اپيل ڪندي چيو ته ڪنهن به ٻار ۾ ارڙي جي علامت ظاهر ٿيڻ جي صورت ۾ ڪين ڪمري ۾ بند ڪري رکڻ جي بجاءِ اسپتال يا سنڌن علاج معالج ڪرايو وڃي جنهن سان سنڌن زندگي بچائي سگهجي، اجلاس ۾ پوليو جي فوڪل پرسن ڊاڪٽر مسرور عالماڻي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته هن مهم دوران ضلعي جي ٽوٽل هڪ لک 58 هزار 6 سئو 75 ٻارن کي پوليو جا قطرا پيارڻ لاءِ 417 موبائل ٽيمس، 26 ٽرانزٽ پوائنٽ، 40 فڪسڊ پوائنٽ جن کي مانيٽر ڪرڻ لاءِ 22 يوسي ايم اوز، 5 تعلقه فوڪل پرسن ۽ ضلعي ڪنٽرول روم جوڙيو ڪيو ويو آهي. اجلاس ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو غلام حيدر عمران راڄپوت ، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر عبدالوهاب نظاماڻي، ڊي ايس پي ٽنڊو محمد خان آغا عبدالمجيد ، ڊپٽي ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ غلام مصطفيٰ زئنئور ، ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر نعيم ميمڻ ، ڊبليو ايڇ او جي نمائنده ڊاڪٽر معصومه ، ايڇ ڊي ايف جي ڪامران رشيد کان علاوه ضلعي جي لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي .

بقايا سنڌيار 15

ٿاڻي جي حد ۾ ڳجهي اطلاع تي ڪامياب ڪارروائي ڪري هڪ جوابدار محمد اسلم کي گرفتار ڪري ورتو سندس قبضي مان به ڪلو چرس هٿ ڪري ورتو آهي جڏهن ته روهڙي پوليس آڪڙا پرچي ڊيلر ۽ گٽڪا وڪرو ڪندڙ جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو اسنيپ چيڪنگ دوران جوابدار عبدالحق کي گرفتار ڪري سندس قبضي مان 4 گٽڪا شاپر هٿ ڪري ورتا جڏهن ته اسٽيشن روهڙي شهر ۾ آڪڙا پرچي جي دڪان تي ڇاپو هڻي ڊيلر کي گرفتار ڪري ورتو. گرفتار جوابدار اظهر علي جي قبضي مان پرچي بڪنگ بوڪ ۽ روڪ رقم هٿ ڪئي وئي آهي جڏهن ته سائيٽ ٿاڻي جي پوليس سائيٽ واري علائقي ۾ ڪامياب ڪارروائي ڪري هڪ مفرور جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو مفرور جوابدار منور شر ڪيترن ئي ڪيسن ۾ پوليس کي گهربل هو ايس ايس پي سکر زبير نذير شيخ پوليس ٽيم کي شاباسي جو پيغام ڏيندي ڪارروائيون وڌيڪ تيز ڪرڻ جون هدايتون ڏنيون آهن

بقايا سنڌيار 16

چانڊيو جي ظلم کان تنگ اچي ميڊيا آڏو احتجاج ڪندي ڏاهيون آهي مير حسن ڪوسو ۽ بابر علي ڪوسو پاران واپڊا لائين مين ستي 1 فيڊر خلاف احتجاج ڪندي ميڊيا کي ٻڌايو ته عبدالستار چانڊيو اسان تي ڪوڙا الزام هڻي ڪيس ڪري اسان کي بليڪ ميل ڪري رهيو آهي جڏهن هو خود پاڻ وڏو بليڪ ميلر ۽ پتاخور آهي هن ٻڌايو ته اسان غريب مزدور آهيون ۽ سڄو ڏينهن محنت مزدوري ڪري پنهنجو پيٽ پاليون ٿا پر هي اسان خلاف غلط ڳالهيون ڪري اسان کي ڪوڙن ڪيسن ۾ ڦاسائي رهيو آهي جيڪو اسان سان سراسر ناانصافي آهي هنن چيو ته هي وڏو ڪرپٽ آهي سڄي واپڊا کي ڪيائي سٽيوناس ڪري رهيو آهي هن فيڊر 1 ستي کي پنهنجي جاگير سمجهي ڊائريڪٽ ڪنيڪشن جو جار وچائي ڇڏيو آهي جنهن تي هي في ڪنيڪشن جو ڏهن هزار کان وٺي 12 هزار روپيا اوڳاڙي ڪري ٿو هن جا جالي ميٽر به هلي رهيا آهن جنهن تان هي هڪ ميٽر مان مهينو 70 کان 80 هزار روپيا ڪمائي ٿو جنهن جا اسان وٽ ثبوت پڻ موجود آهن جيڪي اوهان جي سامهون جلد ظاهر ڪيا ويندا هنن چوڻ هو ته هي چوري ٿيل مال سامان پنڱ عيوض موٽرائي ڏيندو آهي ۽ هي وڏو پاٿاريدار ۽ چور قسم جو شخص آهي اسان کي هن مان خطرو آهي هي پاڻ سان به ٽي ڏوهاري گڏ ڪئي هٿيارن جي زور تي اسان کي ڌمڪائي ٿو هنن ان موقعي تي جناب چيف جسٽس آف سنڌ، آءِ جي سنڌ، ڊي آءِ جي شهيد بي نظير آباد. چيئرمين واپڊا اسلام آباد. چيف انجنيئر، اي سي دادو، ڊسٽرڪٽ اينڊ سيشن جج صاحب، ايس ايس پي ميڊم سهائي عزيز کان ٻرزور مطالبو ڪندي لائن مين عبدالستار چانڊيو خلاف نوٽيس وٺي سخت ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي. هنن جو چوڻ هو ته جي اگر اسان سان انصاف نه ٿيڻ جي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

بقايا سنڌيار 17

گهوٽڪي جي سال 2024 جي چونڊ گهوٽڪي ۾ ٿي جنهن ۾ چيئرمين الهرايو بوزدار وائيس چيئرمين لطيف لغاري جنرل سيڪريٽري چودري ادريس جوائينٽ سيڪريٽري عظيم سيال خزانچي خان محمد پتافي اطلاعات سيڪريٽري محمد يوسف منگي آفيس سيڪريٽري غلام شبير سيال چونڊجي ويا جڏهن ته عبدالوحيد گدائي لالا قادر پتو گل محمد پنهور برڪت ميراڻي نور ڪنيڙو جلال بوزدار ايگزيڪيٽو بورڊ جا ميمبر منتخب ڪيا ويا اجلاس جي شروعات ۾ شهيد جان محمد مهر جي مغفرت جي لاءِ فاتحه خواني ڪرڻ سان گڏ گڏيل قرارداد پاس ڪري شهيد جان محمد مهرجي قاتلن جي گرفتاري جي گهر ڪئي وئي

بقايا سنڌيار 18

تعليم هنرادو هنرمند تعليم جي پي ايچ ڊي واري ڊگري پاس ڪندڙ ڊاڪٽراحسان نظاماڻي تنڊو محمد خان جي مخدوم بلاول ڪاليج ، دارلعلوم هاءِ اسڪول جي آڊيٽوريم هال ۾ شاگردن کي هنرادو هنرمند تعليم جي بابت ڪونايل ورڪشاپ کي مخاطب ٿيندي ڪيو ، هن چيو ته سرڪاري سطح تي سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ هنرمند جديد تعليم جي بابت تمام گهڻي محنت ڪرڻ جي ان کي ضرورت آهي ته سنڌ ۽ پاڪستان ۾ اعليٰ ڊگرين حاصل ڪرڻ باوجود بيروزگاري جو پيدا ٿيل بحران جو تيبرو ڪرڻ پڻ لازمي آهي ، جديد هنرمند تعليم سان شاگرد ۽ شاگرديائيون پنهنجن علائقن ۾ پاڻ سکيا جا سينٽر قائم ڪري انهن جديد هنر سان اهڙين ناياب شين ناهي سگهن ٿا جيڪي ڪين روزگار جو موقعو فراهم ڪري سگهي ٿو، سنڌ جي ٻهراڙين ۾ تعليم جو تمام وڏوفقدان آهي جنهن ۾ نيائين جي تعليم کي اڄ جي جديد دور ۾ پنتي رکيو ويو آهي جنهن کي پڻ اجاگر ڪرڻ سان تعليم ترقي ڏانهن اڳتي وڌي سگهي ٿي ، ورڪشاپ جي تقريب کي سنڌ جي ٽاليواري ليکڪ ڊاڪٽرانور علي عالماڻي خطاب ڪندي چيو ته اها تمام گهڻي فخرواري ڳالهه آهي ته سنڌ جا تعليم يافته نوجوان اعليٰ ڊگريون حاصل ڪري ڏيه سان گڏ پرڏيه مان به پنهنجي قابليت کي تسليم ڪرائي پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪري رهيا آهن جنهن جي ڪري هائي سنڌ جي اندر شاگردن ۽ شاگرديائين ۾ جديد تعليم کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ان ۾ سکيا جي هنرمند عنصر کي به منظر ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن سنڌ جي لکين نوجوانن کي روزگار جا موقعا پنهنجي مدد پاڻ تحت ملي سگهن . ورڪشاپ واري تقريب ۾ مخدوم بلاول ڪاليج جي پرنسپل رسول بخش پرڳڙي ، ٽاليواري ليکڪ زيب نظاماڻي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو. جڏهن ته انهي موقعي تي شاگردن کي جديد هنرادي هنر بابت دستاويزي فلم پڻ اسڪرين ذريعي ڏيکاري وئي.

بقايا سنڌيار 19

فريڪل ڪالوني جي رهواسي صفدر علي ولد محمد رفيق مغل ٻڌايو ته منهنجي ويڊيو گيم جو دڪان فريڪل ڪالوني سکر ۾ آهي گذريل ڏينهن انسجاتل جوابدار دوڪان ۾ داخل ٿي هٿيارن جي زور تي مون کان 27200 رپيا روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا آهن ڦر واقعي جي رپورٽ داخل ڪرائي آهي جڏهن ته پوليس جو چوڻ آهي ته انجاتل ڦورن جي ڳولا شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا سنڌيار 20

ڪاٽ جي پٽيون استعمال ڪرڻ تي شهرين طرفا سوشل ميڊيا تي تصويرون ۽ ويڊيو وائرل ڪرڻ تي ڊي سي بدين نوٽيس وٺندي پاڻ اسپارٽ تي پهچي ٺيڪيدار ۽ هائي ويز ملازمن کي چنڊ هڻي روڊ ۽ پل جو تعمير جو ڪم بند ڪرائي ڇڏيو ۽ اسٽيميٽ تحت متيريل استعمال ڪري روڊ تعمير ڪرڻ جو حڪم ڏيندي چيو ته پل جي تعمير ۾ سريو لڳائي ۽ روڊ جي تعمير ۾ متيريل سٺو استعمال ڪري مون اطلاع ڏنو وڃي ته آئون پاڻ وري وزٽ ڪندس جنهن ڪانپوءِ روڊ جو با اثر ٺيڪيدار روڊ جو ڪم اڌ ۾ ڇڏي هليو ويو روڊ جي تعميرات لاءِ پروجيڪل هڻڻ ڪري ۽ ڪٽر مٽي ٺهيل برائي پل جي ٽٽي وڃڻ ڪري عام مد رفت بند ٿي وڃڻ ڪري پاڙي جا ماڻهو ۽ خاص ڪري اسڪول ويندڙ ٻارڙن کي سخت مشڪلاتون پيش اچي رهيون آهن پاڙيسرين جو چوڻ آهي ته اسٽيميٽ مطابق جلدي ڪم مڪمل ڪيو وڃي ته جيئن آمدرفت بحال ٿئي ٻئي طرف هائي ويز کاتي جي ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته هن روڊ ۽ پل جي تعمير جي ڪم جو ٺيڪو هائي ويز کاتي جي هڪ آفيسر ۽ ڪلارڪ ۽ پائيواري تي ڪنيل آهي ۽ هن تي اڳ ۾ ئي اينٽي ڪرپشن ڪورٽ حيدرآباد ۾ ڪيس هلندڙ آهن

بقايا سنڌيار 21

ڏيندي چيو آهي ته ائين لڳي ٿو ته ظالم حڪمران طبقي ملڪ ۾ ڪنڌ چور، اٺو چور ۽ ڏاڙيل راڄ واري مافياز حوالي ڪري ڇڏيو آهي. 146 دوائن جي اگهن ۾ اضافو ڪري عوام کان زنده رهڻ جو به حق ڦريو پيو وڃي. هر مهذب ۽ جمهوري ملڪ ۾ عوام کي صحت، تعليم ۽ روزگار جي شعبن ۾ رليف ڏنو ويندو آهي چو ته عام ماڻهو جو سڀ کان وڌيڪ بجيٽ انهن مسئلن تي خرچ ٿئي ٿو پاڪستان ۾ عوام کي بنيادي سهولتون ڏيڻ ته نهيو. پر جان بچائڻ وارين دوائن کان ويندي اسپتالن جي فيس ۽ مختلف ٽيسٽن جي مد ۾ رت چوسڻ ۾ ڪا به ڪسر نٿي ڇڏي وڃي. نگران حڪومت پڻ پي ڊي ايم جي پاليسي تي گامزن ۽ مافيازسان ٻٽ ٻڌيل آهي. صوبائي اميراج هڪ بيان ۾ وڌيڪ چيو ته اڄ پاڪستان عملي طور تي " مسائلستان" بڻجي چڪو آهي زندگي جي هر شعبي سان تعلق رکندڙ ماڻهو پريشان آهن. دوائن جي اگهن ۾ اضافو ظالماڻي حڪمراني جي اعليٰ مثال آهي. ماڻهن کي اڳ ۾ ئي ٻن ويلن جو بندوبست ڪرڻ ۾ به ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن مٿان وري زندگي بچائيندڙ دوائن جي اگهن ۾ ڳاٽي توڙ اضافو ڪري ڪائنس جيئڻ رهڻ جو حق به کسيو پيو وڃي. بجلي، پيٽرول ۽ گيس سميت روزاني واهپي وارين شين تي ڳاٽي توڙ ٽيڪس لڳائي موجوده نگران حڪومت عوام لاءِ " ڊريڪولا" جي شڪل اختيار ڪري چڪي آهي موجوده فيصلي جي نتيجي ۾ لکين مريضن جي جان خطري ۾ پئجي چڪي جڏهن ته ڊرگ ريگيوليٽري اٿارٽي پاران ٻين هزارين دوائن جي اگهن جي حوالي سان دواساز ڪمپنين کي من مرضي جا اگهه مقرر ڪرڻ جي مڪمل ڇوٽ ڏني وئي آهي. جهڙي طرح سان وفاقي حڪومت146 دوائن جي اگهن ۾ اضافو ڪيو آهي ان کان پوءِ ماڻهن لاءِ علاج ڪرائڻ مشڪل نه بلڪه ناممڪن ٿي ويندو. محمد حسين محنتي وڌيڪ چيو ته جن دوائن جي اگهن ۾ اضافو ڪيو ويو آهي اهي دوائون حقيقت ۾ مستحق مريضن کي مُفت ملڻ گهرجن. نگران سرڪار جو ڪم فقط صاف شفاف چونڊون ڪرائي حوالي ڪرڻ هو جنهن ۾ هو مڪمل طور تي ناڪام ثابت ٿي. 08 فيبروري جي فراڊ اليڪشن تي اڄ سموري دنيا ۾ پاڪستان جو مذاق اڏايو پيو وڃي ۽ چونڊن کي تاريخ جي بدترين ڌانڌلين وارين چونڊون قرار ڏنو ويو. پنهنجي غلطين جو ازالو ڪرڻ بدران ڪاڪڙ حڪومت انتهائي بي شرمي ۽ ڍٽ جي پڪائي سان عوام دشمن فيصلا ڪري پنهنجي آقائن کي خوش ڪرڻ ۾ مصروف آهي. دوائن جي اگهن ۾ اضافو عوام سان ظلم آهي انڪري حڪومت اهو اضافو في الفور واپس وٺي. جماعت اسلامي جو مطالبو آهي ته ڪجهه ڏينهن جي نگران حڪومت عوام ۽ ملڪ دشمن فيصلا ڪرڻ بدران اهم فيصلن جو اختيار ايندڙ منتخب حڪومت لاءِ ڇڏي ڏي ان ۾ ئي ملڪ ۽ قوم جي ڀلائي آهي.#

بقايا سنڌيار 22

نينگري سڪينه ڌيءَ نورالنبي سڙي زخمي ٿي پئي جنهن کي ڳڻتي جوڳي حالت ۾ اسپتال آندو ويو جتي علاج دوران زخمن جي سٽ نه سهندي فوت ٿي وئي لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام ۽ سڄي علائقي ۾ سوڳ پکڙجي ويو. نينگري کي مقامي قبرستان ۾ آلين اکين سان مٽي ماءِ حوالي ڪيو ويو

بقايا سنڌيار 23

موٽر سائيڪلن جي ٽڪر جي نتيجي ۾ هڪ عورت مسمات الهجاڻي، محمد صديق، مهراڻ پٺاڻ، عباس پٺاڻ، جعفر، حيات لغاري، سانوڻ لغاري سميت 10 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا . زخمين کي ٽنڊو محمد خان جي سرڪاري اسپتال داخل ڪيو ويو . جتي ٽن زخمين جي حالت ڳڻتي جوڳي هجڻ ڪري فوري طور حيدرآباد اسپتال داخل ڪيو ويو.

بقايا سنڌيار 24

والي بال، ٽيبل ٽينس ۽ ٻيون رانديون ڪيڏيون پيون وڃن رانديون ۾ ڊپارٽمينٽس جي شاگرد شاگرديائين حصو ورتو ٿهرو بال ۾ ڪمپيوٽر سائنس جي شاگردن ڪامرس جي شاگردن کان فائينل کٽي ورتي ۽ والي بال راند ۾ ب ڪمپيوٽر سائنس مڌ ماري وئي ان موقعي تي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر رسول بخش مهر ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار علي راڄپر اسپورٽس چيئرمين معراجدين ابڙو ۽ ٻين چيو ته پڙهائي سان گڏوگڏ رانديون به تمام گهڻيون ضروري آهن ۽ پنهنجي ذهن ۽ جسم شاگردن ۾ چستي پيدا ٿئي ٿي پروفيسر رسول بخش شاگردن ۾ جوش جذبو ۽ کٽڻ جي امنگ ۽ هار مان سبق حاصل ٿئي ٿو ۽ انهن ۾ برداشت جو مادو وڌي ٿو ان موقعي تي معراج الدين ابڙو ۽ ٻين انتظام سنڀاليا هئا

بقايا سنڌيار 25

آهي. جڏهن ته هڪ عورت حاڪم چانڊيو پڻ زخمي ٿي پئي آهي. پوليس موجب واقعو سگهارتي تڪرار سبب پيش آيو آهي. ٻنهي ڌرين ۾ فائرنگ دير تائين هلندڙ رهي. پوليس نفري طلب ڪئي وئي آهي

بقايا سنڌيار 26

جي ترڪ لهڻ جي ڳجهي اطلاع تي مينهن جي واڙي تي ڇاپو هڻڻ بعد نجي چينل جي رپورٽر عقيل احمد خانزادا پاران خبرون هلائڻ تان بااثرن پاران صحافي جي گهر تي حملو ۽ سندس پٽ کي اغوا ڪرڻ جي ڪوشش بعد صحافي جي احتجاج بعد ناروشاهه ٿاڻي تي ٽائون ڪاميٽي ناروشاهه جي ڪائونسلر ٽڪاخان خانزادا ۽ چار نامعلوم ماڻهن خلاف صحافي عقيل خانزادا جي فرياد تي ڪيس داخل ڪيو ويو جڏهن ته ناروشاهه پوليس بااثر جوابدار کي گرفتار ڪرڻ کان لنوائڻ لڳي صحافين احتجاج ڪندي چيو ته فوري طور حملو ڪندڙ بااثر جوابدار کي گرفتار ڪري تحفظ ڏنو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو.

بقايا سنڌيار 27

عبدالله گوٺ مان پورهيت اختيار پٽي جي ٻن ڏينهن کان گم معصوم نينگري عذرا جو لاش گهرلڳ پاڻي جي ٽانڪ مان مليو آهي اطلاع تي پوليس پهچي لاش پوسٽ مارٽم لاءِ جناح اسپتال منتقل ڪرايو جڏهن ته ٻارڙي جي گهر ۾ روڄ راڙو مچي ويو ان سلسلي ۾ ٻارڙي جي اولد اختاريتي جو چوڻ هو ته منهنجي ڌيءَ گم هئي ڳولا باوجود هٿ نه آئي اڄ لاش گهر پرسان پاڻي جي ٽانڪي مان مليو آهي خدشو آهي ته ماري ٽينڪ ۾ لڪايو ويو آهي پوليس جو چوڻ هو ته واقعي جي جاچ ڪري رهيا آهيون پوسٽ مارٽم مان خبر پوندي ته واقعو ڪيئن پيش آيو آهي

بقايا سنڌيار 28

ناري جو مڙس خلاف احتجاج.مڙس سنگين الزام. خبر موجب چيلهار واسڻ ناري گڏي ميگهواڙ پاران مڙس جي مبينا ظلم ۽ زيادتين کان تنگ ٿي ننگرڪوٽ پريس ڪلب پهچي احتجاج ڪندي الزام هڻندي چيو آهي ته منهنجي دوکي سان پنجاهه سال جي پيرسن سان چيلهار ۾ شادي ڪرائي وئي، مڙس شولال ميگهواڙ زبردستي ڏارين ماڻهن وٽي ويندو هو. منهنجي انڪار تي گهر ۾ بند رکي تشدد جو نشانو بڻائيندو هوهاڻي انهي سان گڏ جيئڻ نٿي چاهيان انهي کان ڏارين ڇاهيان ٿي، هن چيو ته سال اڳ مونکي پنجاهه سال جي پيرسن سان دوکي سان شادي ڪرائي وئي منهنجي مڙس جي اڳ به شادي ٿيل هئي. هن چيو ته شادي بعد مڙس سال پورو گهر ۾ بند رکيو وارثن سان ملڻ نه ڏنو، منهنجو ڀاءُ ۽ والد مونسان ملڻ ايندا هئا ته انهن تي تشدد ڪري موٽائي ڇڏيندو هئا. تيئن والد پريشاني ۾ رهي ڪري ٻه ڏينهن اڳ فوت ٿي ويو مونکي انهي جي آخري رسمن ۾ به نه وڃڻ نه ڏنو ويو جنهن جي ڪري آئون گهران نڪري هتي پهتي آهيان. منهنجو مڙس ۽ ڏير مونکي ڳولي رهيا آهن مون کي خطرو آهي انهن مان.

بقايا سنڌيار 29

پڻ هٿ ڪيو ويو تفصيل موجب ايس ايس پي بدين مير روحيل خان کوسو جي هدايتن تي ضلعي ۾ منشيات فروشن خلاف ڪارروايون تيز ڪيون ويون آهن ايس ايس پي جي ترجمان موجب ته ايس ايچ او پوليس ٿاڻو شهيد فاضل راهو امداد علي جاکراڻي اسٽاف سان 24 ڪلاڪن دوران مختلف هنڌن تي ڪاروايون ڪري 4 منشيات فروش جوابدارن گل حسن ڏاندل ڪريم بخش ڏاندل ارشد جتوئي ۽ دلبر جتوئي کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته هڪ جوابدار ابراهيم ڏاندل موقعي تي فرار ٿي ويو پوليس جوابدارن جي قبضي مان 3090 تيار تيل گٽڪا سفينا ۽ گٽکي ناهڻ ۾ استعمال ٿيندڙ ڪچو سامان ڪاٿو 2 پيڪٽ. بابا جاني پتي جا 8 پيٽ. نجمه پتي جا 2 پيڪٽ. زعفراني پتي 4 پيڪٽ. آرزو پتي 27 پڙيون هٿ ڪيون ويون ايس ايچ او پوليس ٿاڻو راجو خاناڻي سب انسپيڪٽر غلام قادر مسڻ اسٽاف سميت مختلف هنڌن تي گشت دوران ڪارروايون ڪندي 2 گٽڪا فروش عبدالرحمان دستي ۽ محمد انور ٿيبو کي گرفتار ڪري جوابدارن جي قبضي مان 660 سفينا گٽڪا هٿ ڪري ورتا آهن ۽ ايس ايچ او پوليس ٿاڻو ڏيڻي انسپيڪٽر مير محمد ڪلوڻي اسٽاف سان گڏ گشت دوران چرس وڪرو ڪندڙ جوابدار پنهون عرف پنهل گرگيز کي گرفتار ڪري ورتو جنهن کان 300 گرام چرس هٿ ڪيو ويو آهي ترجمان موجب ته ايس ايچ او پوليس ٽنڊو باگو سب انسپيڪٽر منظور احمد جمالي اسٽاف سميت مختلف هنڌن تي گشت دوران ٻن جوابدارن سيف الله رستماڻي ۽ غلام رسول ميمڻ کي گرفتار ڪري سنڌن قبضي مان 1500 سفينا گٽڪا هٿ ڪري ورتا آهن. ايس ايچ او پوليس اسٽيشن ٽنڊوباگو وڌيڪ ڪارروائي ڪندي شراب وڪرو ڪندڙ جوابدار زبير عمراني کي گرفتار ڪري هن وٽان ڏهه بوتلون شراب جون هٿ ڪيون آهن ايس ايچ او پنگريو سب انسپيڪٽر محمد يعقوب جاڪرو اسٽاف سان گڏ مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪري ٽن گٽڪا وڪرو ڪندڙ جوابدارن چندر ڪولهي نريش مهاراج ۽ نعيم ميمڻ کي گرفتار ڪري ورتو. گرفتار جوابدارن جي قبضي مان 980 سفينا پڙيون هٿ ڪيون ويون آهن ترجمان موجب سيني منشيات فروشن تي ايس ايس پي جي هدايت تي منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

بقايا سنڌيار 30

پورهيت ايوب ملاح پنهنجي ويڊيو موقوف بيان ۾ چيو آهي ته گذريل 10 ڏينهن کان منهنجي گاڏي شيخ پرڪيو شهر مان چوري ٿي هئي جنهن جي مون رپورٽ پڻ شيخ پرڪيو ٿاڻي تي داخل ڪرائي هئي ان جي ته هن وقت تائين پوليس منهنجي موٽر سائيڪل جي چورن جو پتو نه لڳائي سگهي آهي آئون غريب مسڪين آهيان منهنجا معصوم ٻچا آهن آئون انهي گاڏي تي چولاءَ ڪهائي ٻچن جو گذر سفر ڪندو آهيان گاڏي چورائجي وڃي هائي آئون بيروزگاري واري زندگي گذاري رهيو آهيان ۽ ٻئي پاسي منهنجو ننڍڙو ٻچڙو ليڪ ڪونهي جنهن جي علاج لاءِ انهي گاڏي تي مزوري ڪري علاج لاءِ ڪٺي ويندو هئس گاڏي نه هئڻ جي ڪري فاقاڪشي واري لحمن ۾ پيوگذاريان منهنجا ٻچا ٻکرن ڪاٽي رهيا آهن ان چيو ته شيخ پرڪيو پوليس خالي ٽالي ماتر آسرا ڏيو مونکي رواڻو ڪري ڇڏي ان جو مطالبو ڪندي ايس ايس پي ٽنڊو محمد خان سيد سليم شاهه کان گهر ڪئي آهي ته فورن مون مسڪين کي موٽرسائيڪل واپس ڏياري وڃي ته جيئن آئون ٻچن جو گذر سفر ڪري سگهان

بقايا سنڌيار 31

، مختيار نظاماڻي، عاشق علي ڳاهو، گل محمد سومرو ۽ ٻين چيو ته سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان سنڌي ادبي سنگت مسلسل جاکوڙي رهي آهي. هنن چيو ته مادري ٻولين جو عالمي ڏينهن ملهائڻ جو مقصد پنهنجي ٻولي ۽ ڌرتيءَ سان محبت جو وچن ورجائڻ آهي. اسانکي ڪنهن به ٻولي کان نفرت نه آهي پر هر سر زمين جي ٻولي کي پنهنجو رتبو ملڻ گهرجي. ڌرتي ڏاٽين کان پنهنجي ٻولي، سان محبت جو حق ڪير به کسي نٿو سگهي. سڄي دنيا مادري ٻولين جو عالمي ڏينهن ملهائي ٻولين جي اهميت کي اجاگر ڪري رهي آهي پر اسان سالن پڄاڻان رڳو مطالبا ڪري رهيا آهيون ته پر رياست جي ڪن تي جون؟ به نٿي سري. وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن جو فرض ٿئي ٿو ته سنڌي سميت سمورين مادري ٻولين کي قومي ٻولين جو درجو ڏنو وڃي. هنن چيو ته ٻولين جي وجود ۽ بقا بابت جاڳرتا جي تاريخ ڪنهن کان لڪل ناهي. رياستي آئين جي تقاضا موجب سنڌي ٻولي کي سرڪاري ۽ دفتري طور فوري رائج ڪيو وڃي. ان موقعي تي غلام نبي شاعر خاصخيلي ۽ فضل لغاري ميرزاڪي ۾ خوبصورت ڪلام جهونگاري، سنڌي ٻولي بابت اتساهه جوجهان جوڙين.

بقايا سنڌيار 32

عبدالستار پٺاڻ ، نوشهرو فيروز ٽائون صدر آفتاب احمد مورو، استاد شڪيل چڃڙو، استاد طفيل وڳڻ، سياسي اڳواڻ اسد چانڊيو، شهباز مستوئي، ڪامريڊ شبانا، زينب پيرزادو، زاهد حسين پنهور، ماهنور شيخ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته هڪ استاد، قلم ڏڪي هدايت لوهار کي نصيرآباد اسڪول ڏانهن ڊيوٽي تي ويندي حد جي ٽائي اڳيان بي رحماڻي طريقي سان قتل ڪيو ويو آهي. ان جي قاتلن کي گرفتار ڪري سخت سزا ڏني وارثن سان انصاف ڪيو وڃي. اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هيو ته پ ٽ الف جي مرڪزي قيادت سميت سنڌ جون سڃاڻ ڌريون استاد هدايت لوهار جي نيائين سسئي ۽ سورٺ سان انصاف ڏيارڻ تائين گڏ رهنديون.

بقايا سنڌيار 33

ڪري عوام جي خدمت ۾ پاڻ کي اڳتي وڌايو آهي، عوام جو درد اسان جو درد آهي اسان عوام تائين ان وقت پهچندا آهيون جڏهن عوام کي اسان جي تمام گهڻي ضرورت هوندي آهي. آپريشن ڊائريڪٽر لطف علي منگريو اداري جي سمورن ماڻهن جي ڪوشش کي ساراهيو هيڊ آف ڪمانڊ اينڊ ڪنٽرول ڊپارٽمينٽ محمد فاروق صديقي خطاب ڪندي چيو ته اسان پاڪستان ۾ واحد ادارو آهيون جيڪو طبي بنيادن تي ڊسپيچ سسٽم تحت امداد فراهم ڪري 24 ڪلاڪ خدمت ۾ مصروف آهيون. ان موقعي تي نگران صوبائي وزير قانون محمد عمر سومرو صاحب سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي اينڊ هيلٿ سروس پاران سڄي سنڌ ۾ پيش ڪيل عوامي خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته ان ۾ ڪو به شڪ ناهي ته سنڌ انٽيگريٽيڊ ايمرجنسي ۽ هيلٿ سروس عوام جي مسئلن کي حل ڪري ڇڏيو آهي. ڏکين علائقن ۾ پنهنجي خدمت کي يقيني بڻائي عوامي خدمت جو اعليٰ مثال قائم ڪيو آهي. هن اداري جي سنڌ سميت سڄي ملڪ ۾ ضرورت آهي ته جيئن عوام جي خدمت ٿي سگهي. ان موقعي تي تقريب کي ڊاڪٽر علي ڪاشان، ڪاشف وحيد، ڊاڪٽر ذيشان، وزير ڙنور، سنيل دت ۽ ياسر ميمڻ پڻ خطاب ڪيو

بقايا سنڌيار 34

علي گل سولنگي، زبير احمد ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته اڄ پوري دنيا ۾ فاسٽ فوڊ تيار ڪرڻ واريون ڪمپنيون جيڪي گهڻي تعداد ۾ اسرائيلي ۽ امريڪي آهن جن جو بائيڪاٽ هلي رهيو آهي ۽ هتي پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ کي ايف سي سان گڏ اسپانسرشپ ڪئي آهي، اهڙي عمل سان ان کي شرم اچڻ گهرجي، اسرائيلي فوجي غزه ۾ هن وقت لکن جي تعداد ۾ ماڻهن کي بي گهر ڪري چڪا آهن ڪيترن ئي هزار ٻارڙن، نوجوانن، پوڙهن مردن ۽ عورتن کي شهيد ڪري چڪا آهن. پر اسان جي ملڪ ۾ انهن جي ادارن کان پيسا وٺي پي ايس ايل ڏيکاريو وڃي ٿو هنن وڌيڪ چيو ته فلسطين ۾ ماڻهو بک وگهي مرڻ شروع ٿي ويا آهن. گذريل چئن مهينن کان انهن کي کاڌو ۽ موڪلڻ بند ڪيو ويو آهي. پر پوري دنيا اسرائيل جي بي حسي ۽ ظلمن تي خاموش تماشائي بڻيل آهي. ڏک ته ان ڳالهه جو آهي ته پاڪستان ڪرڪيٽ بورڊ ان سامراجي اداري کي ايف سي کان پيسا وٺي پي ايس ايل 9 ۾ ميچون ڏيکاري رهي، اڄ اسان کي پنهنجو پاڻ کي انسان چوڻ تي به شرم اچي رهيو آهي، غزه ۾ هر روز ٻارڙا شهيد ڪيا وڃن پيا ۽ مسلم امه (او آءِ سي) ۽ اقوام متحده خاموش آهن. اها ئي اقوام متحده جڏهن يوڪرين ۾ جنگ ٿي رهي هئي ته اتي ان تي نيٽو فوج موڪلي هئي ۽ اهو چيو ويو هو ته يوڪرين ۾ انسانن جو قتل عام ٿي رهيو آهي؟ ڇا فلسطين ۾ انهن کي اسرائيل جو مڪار چهرو نظر نه ٿو اچي؟ ڇا فلسطين ۾ انسان ناهن رهندا؟ ڇا فلسطين ۾ ٻار ناهن رهندا يا فلسطين ۾ عورتون ناهن رهنديون؟ ڳالهه صرف اها ئي آهي ته هي سڀ امريڪا ۽ اسرائيل جا دوست ادارا آهن ۽ انهن لاءِ ڪم ڪندڙ ايجنٽ آهن. اڳواڻن چيو ته پاڪستان ڪسان مزدور تحريڪ هي مطالبو ڪري ٿي ته فلسطين جي هلندڙ اسرائيلي ظلمن کي روڪڻ لاءِ او آءِ سي جو هنگامي بنيادي تي اجلاس طلب ڪري حڪمت عملي بنائڻ گهرجي. ان کان علاوه پي ايس ايل ۾ ڪي ايف سي سا گڏ اسپانسرشپ فوري طور ختم ڪئي وڃي ۽ حڪومت پاران ڪي ايف سي جو اشتهار هلائڻ تي پابندي لڳائي وڃي

بقايا سنڌيار 35

وٺي جنهن جي صدارت سگا شاخ ٻاٽ شريف جي صدر گلزار ڪلهوڙو پاٽائي ڪئي تقريب جي شروعات تلاوت ڪلام پاڪ ڪئي وئي جنهن کان پوءِ شاگردن وقار علي ملاح مهراڻ علي عبدالرحمان بلڙ ۽ ٻين شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جا شعر پڻ پڙهيا ان کان پوءِ تقريب ۾ ڳالهائيندي سنڌي ادبي سنگت شاخ ٻاٽ شريف جي سيڪريٽري حاڪم علي بلڙ ۽ صدام حسين جنا چيو ته تعليمي ادارن ۾ شاگردن کي پرائمري تعليم سنڌن مادري ٻولي ۾ ڏني وڃي تقريب کي صدارتي خطاب ڪندي سگا شاخ ٻاٽ شريف جي صدر گلزار ڪلهوڙو پاٽائي چيو ته پنج هزار سالن کان قديم سنڌي ٻولي ڳالهائڻ لکڻ ۽ پڙهڻ اسان سنڌ واسين جي اصل سڃاڻپ آهي اڄ جو نوجوان پنهنجي مادري ٻولي جي افاديت کي سمجهي ان جي اهميت ۽ ان جي بقا لاءِ پاڻ پتوڙي ته ان کان وڌيڪ ٻي خوشي ڳالهه ڪهڙي ٿي سگهي ٿي .هن تقريب جي ڪاروائي نوجوان ليکڪ اظهار علي ڪلهوڙي هلائي جڏهن ته تقريب کان پوءِ سليم چنا لائبريري کان يونين ڪائونسل آفيس تائين سنڌي ادبي سنگت شاخ ٻاٽ شريف جي سيڪريٽري حاڪم علي بلڙ ۽ گلزار ڪلهوڙو پاٽائي جي اڳواڻي ۾ ريلي ڪڍي وئي جنهن ۾ شهرين استادن ۽ شاگردن هٿن ۾ بينر کڻي سنڌي ٻولي قومي ٻولي جا نعرا هنيا ۽ آخر ۾ اڳواڻن پاران سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيڻ جي گهر ڪئي وئي.

بقايا سنڌيار 36

عدالت ۽ ڪيس جا مدعي صحافي ۽ وڪيل پيش ٿياڪيس جو جاچ آفيسرجي پيش نه ٿيڻ ڪري عدالت سرڪاري وڪيل کان پڇائو ڪيو ته جوابدارن جي گرفتاري لاءِ اخبار ۽ اشتهار ڏنو ويو آهي جنهن تي سرڪاري وڪيل عدالت کي ٻڌايو ته جوابدارن کي اشتهاري قرار ڏيڻ لاءِ اخبار ۾ اشتهار ناهي ڏنو ويوعدالت پوليس پاران پيش رفت رپورٽ پيش نه ڪرڻ تي ٻڌڻي 12 مارچ تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا سنڌيار 37

قطرا هر مهم ۾ لازمي پياريا وڃن ته جيئن ڪو به ٻار هن موذي مرض ۾ مبتلا نه ٿي سگهي. اهڙن خيالن جو اظهار هن اڄ 26 فيبروري کان ٻهرئين مارچ تائين ٿيندڙ پوليو مهم جي انتظامن جو جائزو وٺڻ لاءِ ڪوٺايل اجلاس جي صدارت ڪندي ڪيو اجلاس ۾ هن صحت کاتي جي عملدارن سان مخاطب ٿيندي چيو ته ضلعي اندر ٻارن ۾ ارڙي جا ڪيسز به رپورٽ ٿي رهيا آهن جن کي بچاءَ لاءِ صحت کاتي سان گڏ تمام هيلٿ پارٽنرز ۽ سرويلنس کي عوام ۾ ان بابت جاڳرتا مهم هلائڻ جي ضرورت آهي ۽ ان سلسلي ۾ ليڊي هيلٿ ورڪر فيلڊ ۾ ڪميونٽي جاڳرتا بابت پنهنجي ذميدارين کي بهتر نمونئي ادا ڪن هن وڌيڪ چيو ته پوليو مهم سميت تمام بيمارين کان بچاءَ لاءِ رٿا بندي تحت ميڪنزم کي مضبوط ڪري ڊاڪٽرن. آفيسرن ،لاڳاپيل فيلڊ ورڪرن ۽ ضلعي انتظاميه سان رابطي ۾ رهندي سرويلنس ٽيم سميت هيلٿ پارٽنرز جي نشاندهي ڪيل اپائن تي گڏجي ڪم کي وڌيڪ تيز ۽ اثرائتو بنايو وڃي. اجلاس کي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڊاڪٽر محمد يوسف جهيجهو ٻڌايو ته پوليو جي هن مهم دوران پنج سالن جي تمام ٻارن کي پوليو جي قطرن سان گڏوگڏ وٽامن اي جا قطرا پڻ ڏنا ويندا جنهن سان ٻارن جي اميون سسٽم ۾ مضبوطي پيدا ٿيندي هن عوام کي اپيل ڪندي چيو ته ڪنهن به ٻار ۾ ارڙي جي علامت ظاهر ٿيڻ جي صورت ۾ ڪين ڪمري ۾ بند ڪري رکڻ جي بجاءِ اسپتال يا سنڌن علاج معالج ڪرايو وڃي جنهن سان سنڌن زندگي بچائي سگهجي، اجلاس ۾ پوليو جي فوڪل پرسن ڊاڪٽر مسرور عالماڻي بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته هن مهم دوران ضلعي جي ٽوٽل هڪ لک 58 هزار 6 سئو 75 ٻارن کي پوليو جا قطرا پيارڻ لاءِ 417 موبائل ٽيمس، 26 ٽرانزٽ پوائنٽ، 40 فڪسڊ پوائنٽ جن کي مانيٽر ڪرڻ لاءِ 22 يوسي ايم اوز، 5 تعلقه فوڪل پرسن ۽ ضلعي ڪنٽرول روم جوڙيو ڪيو ويو آهي. اجلاس ۾ اسسٽنٽ ڪمشنر ٽنڊو غلام حيدر عمران راڄپوت ، ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر عبدالوهاب نظاماڻي، ڊي ايس پي ٽنڊو محمد خان آغا عبدالمجيد ، ڊپٽي ڊائريڪٽر لوڪل گورنمينٽ غلام مصطفيٰ زئنئور ، ڊپٽي ڊائريڪٽر سوشل ويلفيئر نعيم ميمڻ ، ڊبليو ايڇ او جي نمائنده ڊاڪٽر معصومه ، ايڇ ڊي ايف جي ڪامران رشيد کان علاوه ضلعي جي لاڳاپيل کاتن جي عملدارن شرڪت ڪئي .

بقايا سنڌيار 38

تعليم هنرادو هنرمند تعليم جي پي ايچ ڊي واري ڊگري پاس ڪندڙ ڊاڪٽراحسان نظاماڻي تنڊو محمد خان جي مخدوم بلاول ڪاليج ، دارلعلوم هاءِ اسڪول جي آڊيٽوريم هال ۾ شاگردن کي هنرادو هنرمند تعليم جي بابت ڪونايل ورڪشاپ کي مخاطب ٿيندي ڪيو ، هن چيو ته سرڪاري سطح تي سنڌ جي تعليمي ادارن ۾ هنرمند جديد تعليم جي بابت تمام گهڻي محنت ڪرڻ جي ان کي ضرورت آهي ته سنڌ ۽ پاڪستان ۾ اعليٰ ڊگرين حاصل ڪرڻ باوجود بيروزگاري جو پيدا ٿيل بحران جو تيبرو ڪرڻ پڻ لازمي آهي ، جديد هنرمند تعليم سان شاگرد ۽ شاگرديائيون پنهنجن علائقن ۾ پاڻ سکيا جا سينٽر قائم ڪري انهن جديد هنر سان اهڙين ناياب شين ناهي سگهن ٿا جيڪي ڪين روزگار جو موقعو فراهم ڪري سگهي ٿو، سنڌ جي ٻهراڙين ۾ تعليم جو تمام وڏوفقدان آهي جنهن ۾ نيائين جي تعليم کي اڄ جي جديد دور ۾ پنتي رکيو ويو آهي جنهن کي پڻ اجاگر ڪرڻ سان تعليم ترقي ڏانهن اڳتي وڌي سگهي ٿي ، ورڪشاپ جي تقريب کي سنڌ جي ٽاليواري ليکڪ ڊاڪٽرانور علي عالماڻي خطاب ڪندي چيو ته اها تمام گهڻي فخرواري ڳالهه آهي ته سنڌ جا تعليم يافته نوجوان اعليٰ ڊگريون حاصل ڪري ڏيه سان گڏ پرڏيه مان به پنهنجي قابليت کي تسليم ڪرائي پي ايچ ڊي جي ڊگري حاصل ڪري رهيا آهن جنهن جي ڪري هائي سنڌ جي اندر شاگردن ۽ شاگرديائين ۾ جديد تعليم کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ان ۾ سکيا جي هنرمند عنصر کي به منظر ڪرڻ جي ضرورت آهي ته جيئن سنڌ جي لکين نوجوانن کي روزگار جا موقعا پنهنجي مدد پاڻ تحت ملي سگهن . ورڪشاپ واري تقريب ۾ مخدوم بلاول ڪاليج جي پرنسپل رسول بخش پرڳڙي ، ٽاليواري ليکڪ زيب نظاماڻي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو. جڏهن ته انهي موقعي تي شاگردن کي جديد هنرادي هنر بابت دستاويزي فلم پڻ اسڪرين ذريعي ڏيکاري وئي.

بقايا سنڌيار 39

پڻ هٿ ڪيو ويو تفصيل موجب ايس ايس پي بدين مير روحيل خان کوسو جي هدايتن تي ضلعي ۾ منشيات فروشن خلاف ڪارروايون تيز ڪيون ويون آهن ايس ايس پي جي ترجمان موجب ته ايس ايچ او پوليس ٿاڻو شهيد فاضل راهو امداد علي جاکراڻي اسٽاف سان 24 ڪلاڪن دوران مختلف هنڌن تي ڪاروايون ڪري 4 منشيات فروش جوابدارن گل حسن ڏاندل ڪريم بخش ڏاندل ارشد جتوئي ۽ دلبر جتوئي کي گرفتار ڪري ورتو جڏهن ته هڪ جوابدار ابراهيم ڏاندل موقعي تي فرار ٿي ويو پوليس جوابدارن جي قبضي مان 3090 تيار تيل گٽڪا سفينا ۽ گٽکي ناهڻ ۾ استعمال ٿيندڙ ڪچو سامان ڪاٿو 2 پيڪٽ. بابا جاني پتي جا 8 پيٽ. نجمه پتي جا 2 پيڪٽ. زعفراني پتي 4 پيڪٽ. آرزو پتي 27 پڙيون هٿ ڪيون ويون ايس ايچ او پوليس ٿاڻو راجو خاناڻي سب انسپيڪٽر غلام قادر مسڻ اسٽاف سميت مختلف هنڌن تي گشت دوران ڪارروايون ڪندي 2 گٽڪا فروش عبدالرحمان دستي ۽ محمد انور ٿيبو کي گرفتار ڪري جوابدارن جي قبضي مان 660 سفينا گٽڪا هٿ ڪري ورتا آهن ۽ ايس ايچ او پوليس ٿاڻو ڏيڻي انسپيڪٽر مير محمد ڪلوڻي اسٽاف سان گڏ گشت دوران چرس وڪرو ڪندڙ جوابدار پنهون عرف پنهل گرگيز کي گرفتار ڪري ورتو جنهن کان 300 گرام چرس هٿ ڪيو ويو آهي ترجمان موجب ته ايس ايچ او پوليس ٽنڊو باگو سب انسپيڪٽر منظور احمد جمالي اسٽاف سميت مختلف هنڌن تي گشت دوران ٻن جوابدارن سيف الله رستماڻي ۽ غلام رسول ميمڻ کي گرفتار ڪري سنڌن قبضي مان 1500 سفينا گٽڪا هٿ ڪري ورتا آهن. ايس ايچ او پوليس اسٽيشن ٽنڊوباگو وڌيڪ ڪارروائي ڪندي شراب وڪرو ڪندڙ جوابدار زبير عمراني کي گرفتار ڪري هن وٽان ڏهه بوتلون شراب جون هٿ ڪيون آهن ايس ايچ او پنگريو سب انسپيڪٽر محمد يعقوب جاڪرو اسٽاف سان گڏ مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪري ٽن گٽڪا وڪرو ڪندڙ جوابدارن چندر ڪولهي نريش مهاراج ۽ نعيم ميمڻ کي گرفتار ڪري ورتو. گرفتار جوابدارن جي قبضي مان 980 سفينا پڙيون هٿ ڪيون ويون آهن ترجمان موجب سيني منشيات فروشن تي ايس ايس پي جي هدايت تي منشيات ايڪٽ تحت ڪيس داخل ڪيا ويا آهن

بقايا سنڌيار 40

ڏيندي چيو آهي ته ائين لڳي ٿو ته ظالم حڪمران طبقي ملڪ ۾ ڪنڌ چور، اٺو چور ۽ ڏاڙيل راڄ واري مافياز حوالي ڪري ڇڏيو آهي. 146 دوائن جي اگهن ۾ اضافو ڪري عوام کان زنده رهڻ جو به حق ڦريو پيو وڃي. هر مهذب ۽ جمهوري ملڪ ۾ عوام کي صحت، تعليم ۽ روزگار جي شعبن ۾ رليف ڏنو ويندو آهي چو ته عام ماڻهو جو سڀ کان وڌيڪ بجيٽ انهن مسئلن تي خرچ ٿئي ٿو پاڪستان ۾ عوام کي بنيادي سهولتون ڏيڻ ته نهيو. پر جان بچائڻ وارين دوائن کان ويندي اسپتالن جي فيس ۽ مختلف ٽيسٽن جي مد ۾ رت چوسڻ ۾ ڪا به ڪسر نٿي ڇڏي وڃي. نگران حڪومت پڻ پي ڊي ايم جي پاليسي تي گامزن ۽ مافيازسان ٻٽ ٻڌيل آهي. صوبائي اميراج هڪ بيان ۾ وڌيڪ چيو ته اڄ پاڪستان عملي طور تي " مسائلستان" بڻجي چڪو آهي زندگي جي هر شعبي سان تعلق رکندڙ ماڻهو پريشان آهن. دوائن جي اگهن ۾ اضافو ظالماڻي حڪمراني جي اعليٰ مثال آهي. ماڻهن کي اڳ ۾ ئي ٻن ويلن جو بندوبست ڪرڻ ۾ به ڏکيائيون پيش اچي رهيون آهن مٿان وري زندگي بچائيندڙ دوائن جي اگهن ۾ ڳاٽي توڙ اضافو ڪري ڪائنس جيئڻ رهڻ جو حق به کسيو پيو وڃي. بجلي، پيٽرول ۽ گيس سميت روزاني واهپي وارين شين تي ڳاٽي توڙ ٽيڪس لڳائي موجوده نگران حڪومت عوام لاءِ " ڊريڪولا" جي شڪل اختيار ڪري چڪي آهي موجوده فيصلي جي نتيجي ۾ لکين مريضن جي جان خطري ۾ پئجي چڪي جڏهن ته ڊرگ ريگيوليٽري اٿارٽي پاران ٻين هزارين دوائن جي اگهن جي حوالي سان دواساز ڪمپنين کي من مرضي جا اگهه مقرر ڪرڻ جي مڪمل ڇوٽ ڏني وئي آهي. جهڙي طرح سان وفاقي حڪومت146 دوائن جي اگهن ۾ اضافو ڪيو آهي ان کان پوءِ ماڻهن لاءِ علاج ڪرائڻ مشڪل نه بلڪه ناممڪن ٿي ويندو. محمد حسين محنتي وڌيڪ چيو ته جن دوائن جي اگهن ۾ اضافو ڪيو ويو آهي اهي دوائون حقيقت ۾ مستحق مريضن کي مُفت ملڻ گهرجن. نگران سرڪار جو ڪم فقط صاف شفاف چونڊون ڪرائي.

گهاري ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي، چورن رڻ ٻاري ڏنو

گهارو (رپورٽ : بشام جوکيو) گهارو شهر مڪمل طور تي بدامني جي ورچڙهي ويو شهر ۾ چورن رڻ ٻاري ڏنو پوليس جي رٽ مڪمل ناڪام ٿي وئي شهري جاڳي رات گذارڻ تي مجبور تعلقي ميرپور ساڪرو ۽ گهارو شهر ۾ چوري جي وارداتن ۾ بي پناهه اضافو ٿيو آهي ڪو ڏينهن خالي نه آهي جنهن ڏينهن ڪا چوري جي واردات نه ٿئي گهارو پوليس چورن آڏو بيوس بڻجي هٿيار ڦٽا ڪري ڇڏيا شهر چورن جي رحم و ڪرم تي گذريل رات نيازي ڪالوني مان گهر ٻاهران بيٺل هائي روف گاڏي چور ڪاهي ويا پوليس اين سي داخل ڪرڻ تائين محدود اڄ صبح سوير گهارو شهر مان انور شا جي بيڪري تان موٽرسائيڪل سوار هٿيار بندن اسلحي جي زور تي هزارين روپيا ڦر ڪري فرار ٿي ويا ان موقعي تي سول سوسائٽي پاران گهارو پوليس جي ڪارڪردگي تي سواليه نشان ڪٿندي آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدرآباد ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته گهارو شهر ۾ ٿيندڙ ڏوهن تي ضابطو آندو وڃي ۽ شهرين کي تحفظ فراهم ڪيو وڃي نه ته ٻي صورت ۾ گهارو پوليس خلاف سخت احتجاج ڪيو ويندو

ٺٽي جو گورنمينٽ پوليٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ بجلي کان محروم

ٺٽو (رپورٽ: جاويد لطيف ميمڻ) ٺٽي ضلع جي هيڊ ڪوارٽر مڪلي شهر ۾ قائم ٽيڪنيڪل تربيت ۽ تعليم جو ٽاليوارو ادارو گورنمينٽ پوليٽيڪنڪ انسٽيٽيوٽ (اسٽيوٽا) ٺٽو مڪلي گذريل پندرهن ڏينهن کان بجلي کان محروم جنهن سبب ڪلاسز ۽ پريڪٽيڪلز ٺپ وارو سلسلو نه هلڻ برابر ٻڌايو رجي پيو ته حيسڪو اختيارين جي لاپرواهي سبب ڪاليج جو ٽرانسفارمر ڪافي گذريل ٻه هفتا ٻهرين چوري ٿي ويو هو جنهن جي ايف آئي آر پڻ مڪلي ٿاڻي تي داخل ڪئي وئي هئي پر پاران انهي سلسلي ۾ اڃا تائين ڪو به تحرڪ نه ورتو ويو آهي جنهن جي ڪري ڪاليج ۾ هنري تعليم حاصل ڪندڙ سوين ٻارڙن جو مستقبل رولڙي ۾ پئجي ويو آهي جڏهن ته بجلي نه هجڻ ڪري انتظامي ڪم ڪار به ٺپ ٿي ويو آهي ته ٻئي پاسي ڪاليج جو جنريٽر پڻ خراب ٿيڻ ڪري، ڪمپيوٽر ڪلاسز هلڻ وارو سلسلو پڻ بند ٿي چڪو آهي ڪاليج جي پرنسپال پاران پڻ حيسڪو اختيارين سان مختلف وقتن تي رابطا ڪيا ويا آهن پر حيسڪو انتظاميا پاران ڪو به تحرڪ ناهي ورتو ويو ڪاليج ۾ پڙهندڙ شاگردن پاران چونڊيل نمائندن کي اپيل ڪئي وئي آهي ته شاگردن جي تعليم کي متاثر ٿيڻ کان بچايو وڃي جڏهن ته گرمين جو موسم پڻ شروع ٿي چڪو آهي حيسڪو اختيارين تي پريشر وجهرائي ٽرانسفارمر لڳرائي ڏنو وڃي

سکر ۾ جان محمد مهر جا اصل گرفتار نه ٿيا، احتجاج جاري

سکر (رپورٽ:امداد علي گل ڪلوڙ) سکر پوليس شهيد صحافي جان محمد مهر جا اصل قاتل گرفتار نه ڪيا صحافين جي احتجاجي تحريڪ جاري، سکر يونين آف جرنلسٽ پاران شهيد صحافي جان محمد مهر جا مک قاتل گرفتار نه ڪرڻ خلاف خميس ڏينهن به سکر پريس ڪلب صدر آصف ظهير لوڌي جي اڳواڻي ۾ سکر پريس ڪلب اڳيان احتجاجي علامتي بک هڙتال جو سلسلو جاري رکيو احتجاج ۾ شهزاد تاباڻي، شهباز خان،جاويد جتوئي، نصر وسير،سحرش ڪوڪر ،جلال الدين پيٿ، ڪامران شيخ، فرقان ڪوسو، مسعود زيدي ،يار محمد سومرو،اظهر دايو، اورنگزيب ماڪو ابراهيم سومراڻي،جواد شاهه، نادر سنجراڻي، فضل الرحمان قريشي ، خالد امجد، ارشاد ڏيڏڙ، صلاح الدين سمجو، عقيل قريشي، سليم ڏريهو ،اسلم دايو ۽ ٻين شرڪت ڪئي ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته وڏي افسوس جي ڳالهه آهي ته سکر پوليس 193 ڏينهن ٿيڻ باوجود شهيد جان محمد مهرجي قاتلن کي گرفتار نه ڪيو آهي جڏهن ته دهشتگردي جي خاتمي واري عدالت به حڪم ڏئي چڪي آهي ته ايف آئي آر ۾ نامزد جوابدار گرفتار ڪيا وڃن پر ان جي باوجود پوليس عمل نه پئي ڪري هنن چيو ته جيستائين شهيد جان محمد جي قاتلن کي گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ نه ٿو آندو وڃي تيستائين جدوجهد جاري رکي ويندي.

سکر ۾ پ پ اڳواڻ جي امڙ لاڏاڻو ڪري وئي

سکر(رپورٽر) سکر ،پيپلزپارٽي سکر جي اڳواڻ نثار احمد وسير ۽ سراج احمد وسر جي امڙ رضا الاهي سان وفات ڪري وئي. جنهن جي تعزيت سلسلو جاري آهي جيئن ته اڄ ٽريجي جي دعا ٿي گذري جنهن ۾ وسير ولفيئر فاؤنڊيشن جا مرڪزي اڳواڻ حاجي محمد اسلم وسير،غلام سرور وسير،دوست محمد وسير، شعيب احمد وسير، وائيس چيئرمين مڪي شاهه ٽائون غلام مرتضي گهانگهرو، يوسي چيئرمين عبدالسميع پيرزادو ،ايوب پيرزادو، ضمير احمد گهنر ممتاز احمد مهر آفتاب احمد مهر عبدالباقي لاڙڪ ،امجد ڪولاچي، غلام شبر جاڳيراڻي ،نياز علي چنا، فضل الله دراني، دلشاد علي ابڙو، جمال ٽونياري، منظوراحمد پتو ۽ سياسي سماجي تنظيمن ماڻهن ٽريجي جي دعا ۾ پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي، جڏهن ته نثار احمد وسير سڀ عوام جو شڪريا ادا ڪندي چيو ته منهنجي امڙ جي تعزيت ڪندڙن جو مان ٿورائتو آهيان ۽ سنڌس نيو پنڊ سکر جي وسير محلا ۾ دعا جوسلسلو جاري آهي

نوشهرو فيروز ۾ ڦرلٽ جون خبرون هلائڻ تان صحافي مٿان ڪيس داخل

نوشهروفيروز (ڊ ر) نيشنل هاءِ وي مسافر وين ۾ عورتن ۽مردن کي يرغمال بڻائي ڦرلٽ واري معاملي جون خبرو هلائڻ تان جج صاحب ڏمرجي پيو مون سميت منهنجي والد تي ڪوڙي Firداخل ايس ايڇ او ڊي ايس پي نوشهرو فيروز ايس ايچ او سٽي کي پريشروائيز ڪري Fir ڪئي وي اسان قلم ڏٽڻ جي آواز کي بند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي سچ لڪڻ کان ڪيئن ڪون مرڙيو مونکي ۽منهنجي ماڻٽن کي موت مار ڌمڪيون چورن خلاف ڪيس داخل هڻڻ ڪري پوليس چورن کان وڏي ڊيل تهت گرفتار ڪرڻ ۾ بيوس بڻيل خبر موجب هڪ ڏينهن اڳ ۾ لاڙڪانو کان نوشهروفيروز طرف اچي رهي هئي ته هٿيار بندن اصلٽي جي زورتي وين کي روڪي ڊرائيور سميت مردن ۽عورتن کان روڪ رقم سون زيورات ڦر ڪري فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا جنهن بعد مسافرن مردن ۽ موقعي تي چورن کي سڃاڻي ورتو اسان ڊي آءِ جي شهيد بينظرآباد سيشن جج نوشهروفيروز سنڌ هاءِ ڪورٽ بنچ سکر کي مطالبو ٿا ڪريون نوٽيفيڪشن.

روزاني سنڌيار ڪي
نمائندا گهرجن

Reg No 2677
ABC Certified
ايڊيٽر اعجاز مهر
روزاني سنڌيار ڪراچي
Daily SINDHYAR Karachi
NTN 4129440-8 www.dailysindhyar.com

سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن لاءِ روزاني **سنڌيار** ڪي پڙهيل لکيل ٽيڪنالوجي فرينڊلي نمائندن جي ضرورت آهي. روزاني سنڌيار ڪراچي سان گڏوگڏ روزاني سنڌيار سکر به شروع ٿي وئي آهي. روزاني سنڌيار واحد سنڌي اخبار آهي، جنهن جي ويب سائيٽ 24 ڪلاڪ اپڊيٽ ٿيندي آهي. پوري دنيا ۾ جتي به سنڌي رهن ٿا، اسانجي آن لائن اخبار پڙهن ٿا. رڳو شام جو خبرون موڪلڻ جا هيراڪ نمائندا نه گهرجن، پر جنهن وقت به ڪو حادثو يا واقعو ٿئي فوري طور خبر ۽ تصوير موڪلين. اسان وقت بوقت نمائندن کي جديد ٽيڪنالوجي بابت ٽريننگ به ڏياريندا سين. دلچسپي رکندڙ اميدوار ادارا سان رابطو ڪن ۽ سي وي موڪلين.

واٽس ايپ 0332-2605671

sindhyarnews@gmail.com